# ڪڏهن بهار ايندو

سوڀو گيانچنداڻي



# ڪڏهن بهار ايندو

(ڪهاڻيون)

سوڀو گيانچنداڻي

سچائي اشاعت گهر دڙو.
انڊس پبليڪيشنس ٽنڊو محمد خان

حق ۽ واسطا قائم

شهزاد يوسف.

آڪٽومبر 1993ع

سنڌ ٽيڪ ڪمپيوٽر سينٽر مان ڪمپوز ڪرايو.

دانش سومري.

اڪبر آرٽ پريس ڪراچي

مان ڇپرائي پڌرو ڪيو.

ڪمپوزڊباءِ: راٺوميگهواڙ

ڇاپو: پهريون

قيمت - 30 روپيا.

پڪو جلد: -/50 روپيا

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

## ٻه اکر:

سچائي اشاعت گهر دڙو ۽ انڊس پبليڪيشن ٽنڊو محمد خان پاران گڏيل ڪتاب سائين سوڀي گيانچندانيءَ جي ڪهاڻين جو مجموعو حاضر آهي. اسان جو مقصد فقط هي آهي تہ گڏجي سڏجي سنڌي ادب کي سٺا ۽ معياري ڪتاب ڏجن.

يوسف سنڌي

دانش سومرو

# سٽاءُ


هماليه کان اوچو ماٿو. اياز قادري. 5
خودڪشي 19
ياچوڪڙ 24
ڪجهه چوڪر هيئنئن به پيار ڪن ٿا 42
آڪيري جو ٽنڻ 51
رحيما 55
پرديسي پريتم 60
بچاءُ بند 64
ڪڏهن بهار ايندو 74
انقلابي جو موت 82

# هماليہ کان اوچو انسان

## مھاڳ

هڪ رشي هماليہ جبل جي قدمن ۾ هڪ گهاٽي وڻ جي هيٺان ورهين کان تپسيا ۾ مگن هو. هڪ ڏهاڙي هن جي شش هماليہ جبل ڏانهن نهاريو ۽ هن جون اکيون وڌنديون وڌنديون هماليہ جبل جي چوٽيءَ تائين وڃي پهتيون. هن هماليہ جبل جي چوٽي ڏانهن نهايت تيرس سان ڏٺو ۽ گروءَ جي چرڻن ۾ ويهي هن کان پڇيائين؛ مهاتما! هماليہ جبل جي چوٽيءَ کان بہ ڪو اوچو آهي؟

گروءَ ورائيس؛ "ها! اهو انسان آهي."

اسان سنڌ ۾ جي ڪنهن اهڙي اوچي انسان جي تلاش ڪنداسين تہ اسان جون اکيون ڪامريڊ سوڀي گيانچندانيءَ ڏانهن کڄي وينديون.

ڪامريڊ سوڀي جي شخصيت هزار رنگن واري هيري مثل آهي. هو صاف سترو سياستدان، سماجي ڪارڪن، وڏو عالم، مذهبن جي تفرقي کان مٿي عظيم شخص آهي. ڪهڙو بہ ماڻهو سائنس ملندو تہ هن جي صحبت مان سرهائي حاصل ڪري ورندو. جڻ تہ هو شاه لطيف جو اهو ڪردار آهي جنهن لاءِ شاهہ چيو آهي تہ تون انهيءَ وٽ وڃي ويهہ، جنهن وٽ ويهڻ سان ڏکندو ڏور ٿئي.

ڪامريڊ سوڀو ذهني طرح هڪ پڪو سوشلسٽ آهي ۽ هن پنهنجي ساري زندگي اميريءَ، وڏيرا شاهيءَ ۽ سرمائيداريءَ خلاف جنگ جاري رکي آهي ۽ ڪڏهن بہ پنهنجي ان اصول تان پٺتي نہ هٽيو آهي. پنهنجي انهيءَ مقصد لاءِ وڙهندي ڪيترا ڀيرا قيد ۽ بند جون مصيبتون بہ برداشت ڪري چڪو آهي. پر سندس عزم ۽ همت ڪي ڪڏهن بہ لوڏو نہ آيو آهي. "جيئن تڏ تيئن وڏ" واري چوٽيءَ مثل جيئن پوءِ تيئن هن جو حوصلو پختو ٿيندو رهيو آهي.

ڪامريڊ کي پنهنجي سنڌ سان بي انتها محبت رهي آهي. 1947ع کان پوءِ جڏهن سنڌ جا هندو، ملڪ جي ورهاڱي وارين ابتر حالتن کان متاثر

چولیون واکا کندیون ۽ وڏندیون رهن ٿیون.

ڪامريڊ سوڀي جي گفتگو نهايت وڻندڙ ۽ دل تي اثر ڪندڙ هوندي آهي. هو جڏهن بہ ڳالهائيندو آهي، ڄڻ موتي پوئيندو آهي. هن جو هر هڪ لفظ پُر معنيٰ ۽ پر اثر هوندو آهي، جنهن ۾ گهرائي ۽ اونهائي هوندي آهي. هن جي گفتگو دليلن ۽ مثالن سان هوندي آهي. جيڪي تاريخ، مذهب، سياست، علم ادب، فلسفي ۽ شعرو شاعريءَ مان ڏنا ويندا آهن. هن عمر ۾ جڏهن هو ستر ورهين جي حد پار ڪري ٽيهتر ورهين ۾ پهتو آهي، تڏهن بہ هن جي ياد داشت ڏاڍي تيز ۽ تازي آهي. هو تمام پراڻيون ڳالهيون ۽ واقعا يا پڙهيل ڪتابن جا حوالا ائين ٻڌائيندو، ڄڻ اهي ويجهوئي هن جي نظرن اڳيان گذريا آهن.

ڪامريڊ سوڀي جي طبيعت ۾ انتها درجي جي ماٺار آهي، ڄڻ تہ ڪاوڙ ۽ ڪروڌ هن جي خمير ۾ ڳوهيل ئي ناهي. هن سان ڪيڏو بہ بحث ڪبو، هن جي ڪيڏي بہ مخالفت ڪبي، هن کي ڪيڏو بہ پسرائڻ جي ڪوشش ڪبي، تہ هو مرڪي ساڳئي ئي سانتيڪي انداز ۾ جواب ڏيندو ۽ دليلن سان اڳلي ماڻهوءَ کي پنهنجي ڳالهہ تي قائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو.

ڪامريڊ سوڀي جو هڪ پهلو، جيڪو عام طرح ماڻهن کان لڪيل آهي، اهو آهي سندس دريا دلي. هو هٿ جو ڪشادو، دل جو ڪشادو، دستر خوان جو ڪشادو سخي مڙد آهي. جيڪڏهن ڪوبہ سوالي هن جي اڳيان هٿ ڊگهيريندو تہ هن جو هٿ يڪدم پنهنجي کيسي ڏانهن وڌندو ۽ سائل کي ايترو ڪجهہ ڏيندو. جو هو راضي ٿي، هن کي دعائون ڏيندو هليو ويندو. هن اهڙيءَ طرح خبر ناهي دعائن جو ڪيڏو خزانو ڪٺو ڪيو آهي.

محمد علي پٺاڻ، جيڪو ڪامريڊ سوڀي سان ڪافي ويجهو رهيو آهي: اهو ڳالهہ ٿو ڪري تہ هڪ ڀيري مان ۽ ڪامريڊ رستي تي وڃي رهيا هئاسون تہ هڪ ہارَ، جيڪو پيٽ ٻڪيو، ڏکيو ۽ بيمار ٿي لڳو، جنهن جي تن تي ڪپڙا ميرا ۽ پراڻا هئا، تنهن ڪامريڊ ڏانهن بيک لاءِ هٿ وڌايو. ڪامريڊ هن کي ڏسي اداس ٿي ويو ۽ ڏهن روپين جو نوٽ ڪڍي هن جي تريءَ تي

ڪامريڊ سوڀي ڪتاب ڪَٺا ڪيا آهن. ڪامريڊ سوڀو پڙهڻ لاءِ ڪتابن ڏيڻ ۾ بہ دريا دل آهي. جڏهن بہ ڪو اديب يا نوجوان هن وٽ ڪنهن بہ ڪتاب لاءِ ايندو آهي تہ هو ڪلي ڪبٽ مان ڪتاب ڪڍي ڪيس ڏيندو آهي. اهو نہ ڏسندو آهي تہ ڪتاب وري واپس ورندو بہ يا نہ.

مون "سنڌي غزل جو اوسر" تي پي. ايچ. ڊيءَ جو مقالو پئي لکيو. ان جو هڪ باب "ڀارت ۾ سنڌي غزل" هو. مون کي ڀارت جي غزل گو شاعرن جا ڪجهہ ڪتاب گهربل هئا. جيڪي ڪامريڊ وٽان مليا، ۽ جيڪي هن نهايت خوشيءَ سان مون کي ڏنا. جنهن ڪري مان اهو باب وڌيڪ بهتر نموني ۾ لکي سگهيس.

ڪامريڊ سوڀي گيانچندانيءَ جو خاندان بنيادي زميندار خاندا آهي. اڄ بہ سندس ڀاءُ ڪيولرام پنهنجي تَرَ جو عزت وارو زميندار آهي. سندس ڪهاڻين ۾ سندس خاندان جي زمينداريءَ جو بہ ٿورو گهڻو ذڪر ملي ٿو. ڪامريڊ 1956ع کان پوءِ جڏهن لاڙڪاڻي ۾ رهائش اختيار ڪئي تہ هن نہ صرف پنهنجي زمين جي سڌاري ڏانهن ڌيان ڏنو پر مختلف ميون جا فارم بہ لڳايا ۽ مختلف هنڌن تان چڪيون گهرائي لڳايون. جنهن ڪري اهي فارم پنهنجي تَرَ جا مثالي فارم ٿي پيا. جن کي ڏسي تَرَ جي ٻين زميندار ۾ ٻج ميون جي فارم لڳائڻ جو چاهہ پيدا ٿيو. هن جو انبن جو فارم، پنهنجي تَرَ جو منفرد فارم آهي، جنهن ۾ سال جا ٻارهن مهينا ئي انب ملي سگهندا آهن.

ڪامريڊ سوڀو ڪهڙي قسم جو زميندار آهي، ان جو احوال اسان کي هن واقعي مان ملي ٿو. هڪ ڀيري سندس وڏي ڀاءُ ڪيولرام کيس ڪنهن ٻنيءَ ٽڪر جي ٻٽئي ڪرڻ لاءِ موڪليو. هو جڏهن اتي ويو تہ هارين جو ڏتڙيل حال ڏسي هن کي جهٽو اچي ويو ۽ سمورو اَنُ، پنهنجي زميندار‌يءَ واري حصي سميت هارين کي ڏئي آيو. جنهن کان پوءِ هن کي ڪڏهن بہ ٻٽئيءَ لاءِ نہ موڪليو ويو.

سال 1959ع جي جون مهيني کان وٺي مارچ 1964ع تائين، جڏهن وقت جي سرڪار ڪامريڊ سوڀي گيانچندانيءَ کي پنهنجي ڳوٺ ۾ نظر بند ڪيو هو، تڏهن سندس عزيزن هن کي مشغول رکڻ لاءِ، اتي پيهڻ جي مشين

پنهنجو سمورو ڏيان ڪهاڻي لکڻ ڏانهن ڏئي ڇڏيو آهي. ڇاڪاڻ تہ هن جو دنيا جي ادب جو وسيع مطالعو ڪيل آهي ۽ هو پنهنجي سنڌ جي ڏتڙيل حالت ۽ مختلف مسئلن کان وقت بوقت متاثر ٿيندو رهيو آهي. تنهن ڪري جڏهن بہ ڪنهن خاص واقعي، معاملي يا مسئلي هن جي دل کي چوٽ رسائي آهي ۽ هن جي اندر ۾ آنڌ مانڌ پيدا ڪئي آهي تہ هن بيوس ٿي ان واقعي کي ڪهاڻيءَ جو روپ ڏئي ڇڏيو آهي. ڪامريڊ جي ڪهاڻين جو عرصو پنجاهہ سالن تائين پکڙيل آهي. هُن جون ڪهاڻيون "پاڇوڪڙ"، "خودڪشي" ۽ "ڪجهہ چوڪر هيئنءَ بہ پيار ڪن ٿا"؛ شانتينڪيتن واري زماني ۾ اصل انگريزيءَ ۾ لکيل آهن، جيڪي وڏي عرصي کان پوءِ هاڻي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري شايع ڪيون ويون آهن.

1955ع ۾ ڪامريڊ سوڀي جو سنڌي ادبي سنگت سان گهرو ناتو رهيو آهي. مان جڏهن سنڌي ادبي سنگت جو سيڪريٽري هوس ۽ سنگت جا هفتيوار ادبي ميڙ منهنجي فليٽ 6- ڏنيرام بلڊنگ آرام باغ روڊ تي ٿيندا هئا، تڏهن ڪامريڊ سوڀو انهن ادبي ميڙن ۾ پابنديءَ سان شريڪ ٿيندو هو ۽ پيش ڪيل شعرن ۽ ڪهاڻين وغيره تي تنقيد ۽ بحث ۾ ڀرپور حصو وٺندو هو، جنهن ڪي سنگت ۾ شرڪت ڪندڙ اديب بيحد قدر جي نگاهہ سان ڏسندا هئا ۽ فائدو حاصل ڪندا هئا. انهن ميڙن کان متاثر ٿي ڪامريڊ "ڪڏهن بهار ايندو!" ڪهاڻي لکي هئي ۽ سنڌي ادبي سنگت ڪراچيءَ جي هڪ ميڙ ۾ تنقيد لاءِ پيش ڪئي هئائين، جنهن ۾ عورت جي مسئلن تي چڱو بحث ٿيو هو ۽ هن ڪهاڻيءَ کي پسند ڪيو ويو هو.

هن مجموعي ۾ شامل ٻيون ڪهاڻيون "پرديسي پريتم"، "ٻچاءُ بند" ۽ "انقلابيءَ جو موت"؛ پوءِ جون لکيل ڪهاڻيون آهن، جيڪي پڻ سنڌ جي ادبي حلقن ۾ واکاڻيون ويون آهن.

ڪامريڊ جي ڪهاڻين ۾ سنڌ جي ٻهراڙين توڙي شهرن جي زندگيءَ ۽ مسئلن جي تصوير پيش ڪيل آهي. هن هرويرو عام ڪهاڻيڪارن وانگر پنهنجي ڪهاڻين ۾ ٻوليءَ جو طلسم، رنگيني، تشبيهن ۽ استعارن جو سهارو نہ ورتو آهي، پر جيڪا ڳالهہ هو ٻڌائڻ چاهي ٿو، سا بلڪل سادن سودن ۽

جيڪي ڳوڙهن سان پريل آهن؛ هي ڏرا ڏنل اکين سان پار ۾ پن گهَرندڙ هَٿن سان ماٺهو... هي نوجوان جيڪي رڳو پورهيو ڪري هَجي مرڻ لاءِ آهن؛ هي اڇي ڏاڙهيءَ وارا پوڙها، جيڪي ڏہرن ڏيلن ۾ گهنجيل چهرن سان آهن؛ ڪيئن نہ انهن منهنجي اندر ۾ گهر ڪيو آ... ڇا مان انهن کي ڇڏي ڏيان. مان انهن لکن مائرن سان دوکو ڪيان.... مان غريبن کي اٿاريندس....".

"انقلابيءَ جو موت" ۾ ابراهيم ملباريءَ جي عوام- انقلاب دوستيءَ جو ذڪر ڪندي پڌائي ٿو تہ. "جڏهن اسان کي 1948ع ۾ جيل ۾ وڌو ويو تڏهن ابراهيم ملباريءَ اسان کي جيل ۾ لکي موڪليو، "ڪامريڊ! پرواهہ نہ ڪيو.... مان دفتر سنڀالي ورتو آهي... بندِ اميد تہ نہ ٿيندو. مان پڪڙيس تہ ٻيا ايندا. جهنڊو ڦڙڪندو رهندو."

"ڪڏهن بهار ايندو" ۾ رحيم جي واتان چورائي ٿو تہ، "ماٺهو پنهنجو عمل حقيقتن مطابق ڪندو آهي ۽ اصول صرف حقيقتن کي سمجهائڻ ۽ انهن تي روشني وجهڻ ۾ مددگار ٿيندا آهن."

ڪامريڊ سوڀي جي ڪهاڻين جا اهي ڪردار اسان کي گهڻو ڪجهہ پڌائين ۽ سمجهائين ٿا ۽ انهن مان هر هڪ وٽ ڪونہ ڪو بامقصد پيغام آهي، جيڪو هر دؤر جي پڙهندڙ کي اتساهہ بخشيندو رهندو. ۽ زندگيءَ جي راهہ ۾ پير پساري ويهڻ بجاءِ منجهن اڳتي وِک وڌائڻ جو وِلولو ۽ حوصلو پيدا ڪندو رهندو!!

لاڙڪاڻو

تاريخ: 25-1-93

ايــاز قــادري

# ڪھاڻيون

ڏاهپ مشڪوڪ. . . . . سڀ گند، گند، گند. . . . . ڪاش، سڄي دنيا منهنجي ڳوڙهن ۾ لڙهي وڃي. . . . . هي گند. . . . . گند. . . . .'

تهذيب!. . . . . ثقافت!. . . . . انسانيت مٿان بار ٿي پيا آهن. . . . . انسانيت انهن اجاين بارن هيٺان دٻجي ويئي آهي. . . . . اسان گڏهه آهيون، جو اِهو سمجهه ۾ نہ ايندڙ تهذيب ۽ ثقافت جو بار ڍويون ٿا. . . . . ٿڙندي ٿاٻڙندي هلون ٿا، رُڪجون ٿا. . . . . پر اجان بہ رڙيون ڪيون ٿا ثقافتن ۽ تهذيبن کي بچايو وڃي. . . . . ڪاش مان وحشي هجان ها. . . . . هن تهذيب اسان جي زندگين ۾ زهر ڀري ڇڏيو آهي! اسان کان، اسان جون ساديون ۽ سلوڻيون خوشيون کسي ورتيون آهن، جت پورهيو هڪ عذاب ٿي پيو آهي، پيار ناجائز ٿي پيو آهي. . . . . ڪٿ نہ يورپ وارا آفريڪا وارن کي قتل ڪري رهيا آهن، پنهنجي تهذيبي احساس برتري جي سهاري. . . . .

پر مان ڇا آهيان؟ ماس ڪُن ۾ هڪ ترورو! بارود سان ڀريل. . . . . پر پوءِ بہ ايڏو بي وس. . . . . ڪمزور. . . . . پنهنجي بي وسيءَ جو هڪ دوست سان ڪيئن نہ ذڪر ڪيم! ڪائنس صلاح ورتم، ڇڻ تہ هو مون کان وڌيڪ بهادر هو! هو بہ ساڳين ئي سورن ۾ آهي. . . . . اسان جو نسل سمنڊ جي سيرَ تي لڙهندڙ آهي. . . . . جنهن کي نہ بيهڪ آهي، نہ ٺهراءُ. . . . . اسان ڏڪبا اڳتي پيا وڃون. . . . . لعنتي بي دين!. . . . . ڪنهن اڻ ڇاتل جهنم ڏانهن. . . . . زخمي روح. . . . . نہ ڪنهن تي ايمان. . . . . خداکان منڪر. . . . . نہ ڌرم تي ڀروسو، نہ اخلاق تي . . . . . نہ موسيقي آ، نہ شراب. . . . نہ خاتمو آ. . . . .

مون قلم کڻي لکڻ شروع ڪيو. 'مان آيوڊين پي پنهنجو انت آڻيان ٿو. هن قدم لاءِ، سواءِ منهنجي ٻيو ڪوبہ ذميوار ناهي. يارنهن سالن

پريشانيءَ مان گهورڻ لڳس. . . . . مان سمجهي ويس . . . . . تہ مون خواب پئي ڏٺو. . . . . خوف ناڪ خواب. . . . . مون پنهنجن خشڪ چپن تي زبان ڦيرائي ۽ پوءِ ڪوڙي ۽ ڪساري انداز ۾ مُرڪي پيس. ●

(هي ڪهاڻي اصل انگريزي ۾ My Suicioe جي سري هيٺ شانتي نڪتين ڪاليج (بينگال) جي شاگرد رشڪتاپون پاران ڇپجندڙ ميگزين "وشوا ڀارتي" جي يارهين واليوم جي پهرينءَ شماري (جون ١٩٤٠ع) ۾ ڇپي هئي- سنڌي ۾ منظور بلوچ ترجمون ڪئي.)

# پنجون ڪڙ

وچ سانوڻيءَ جي ڪاڙهي واري رات هئي. وقت لڳ ڀڳ ڏهہ وڳا هجن. ڳوٺن ۾ گهڻو ڪري هن وقت تائين سڀ ڏينهن جي سخت پورهيي ڪانپوءِ ماڻهو پنهنجين کٽن تي ڏاڍو آرام سان ڪونگهرا پيا هڻندا آهن.

پر اڄ رات ڏاڍي رڳهہ هئي ۽ مڇرن جا لشڪر بہ پنهنجا ساز ۽ آواز ماڻهن جي ڪنن ۾ وڄائڻ تي ضد ہڌيو بيٺا هئا. پر ان ڪان بہ وڌيڪ جاڳائيندڙ چلم جي ٻُڙ ٻُڙ جا آواز هئا.

هو چلم کي تازو ڪري اوطاق ۾ رکي اچي سهڙيا هئا ۽ سڀ ڏينهن جا حال احوال ۽ منهنجي واپس ڪاليج وڃڻ جي تيارين بابت پاڻ ۾ ڪچهري ڪري رهيا هئا. منهنجي وئڪيشن پوري ٿي وئي هئي ۽ سڀاڻي صبح جو سويل مون کي روانو ٿيڻو هو.

مان ننڊ جي چنتا ۾ هوس، پر هڪ گرمي ۽ ٻيو اهڙن پيارن ڳوٺ جي ماڻهن ۽ مائٽن کان وڇوڙي جا اڳرا احساس ننڊ ڪرڻ نہ پيا ڏين. سو اڪيون ٻوٽي کٽ تي ليٽيو پيو هوس تہ جيئن ڪاليج بابت پنهنجن بزرگن جون ٻاراڻيون ڳالهيون ۽ اجايا سوال کن لاتار ڪري ٽاري سگهان. پر ٽنهن هوندي بہ هنن جون اجايون سجايون ڳالهيون پئي ٻڌم. هوريان هوريان هڪ کان پوءِ ٻيو ۽ ٻئي کان پوءِ ٽيون، اوٻاسيون ڏيندو، اٿندو ۽ هلندو ويو ۽ باقي وڃي بچيو اسان جو چوڪيدار رمضان جيڪو اسان جون ڳئون ۽ مينهون چاريندو هو.

رمضان هڪڙو ڳجهارت جهڙو ماڻهو هو. ڳالهائيندو گهٽ هو، پر ڳالهائڻ سان گڏ زور زور سان کلندو گهڻو هو. ٿهڪن سان گڏ ڳالهائڻ

سان گڏ زور زور سان کلندو گهٽو هو. ٿهڪن سان گڏ ڳالهائڻ ۾ هو سيني کان ڪسر ڪٿي ويندو هو. معمولي چرچي ڀوڳ تي ايترو ته کلندو هو، جو لڳندو هو ته چڻ هن کي دؤرو پئجي ويو آهي. هن جا ٽهڪ ٻڌي اسان کي به اچي ڪلَ ورائيندي هئي ۽ کِلي کِلي پيٽ ۾ سور پئجي ويندو هو. هن جي مضبوط هاٿي ۽ ڦڙتي ڏسي منهنجي ٻاراڻي دل موهجي ويندي هئي. لڪڻ هٿ ۾ کنيو، ڪڙائين نموني عربن جي نسل وارن ماڻهن وانگي، توريل تڪيل قدم کڻندو مال کي چارڻ لاءِ جڏهن روانو ٿيندو هو ته هن جا ”هو - امان - هو“ جا آواز ايترو ئي وٽندڙ لڳندا هئا، جهڙو هو پاڻ هو.

مون ٻڌو هو ته جڏهن هو اسڪولي ٻار هو، تڏهن پنهنجن مائٽن وٽان ڀڄي ويو هو. ان ڪري مون کي هن جي جيون ڪٿا ڄاڻڻ جي ڏاڍي اُڪَڻ هوندي هئي.

”رمضان، هن رُڳهه ۾ مچرن ۾ ننڊ نه ٿي اچي. ڪا ڳالهه ته ڪٿي ٻڌاءِ.“ مون چيو.

”سائين اسان جٽ ماڻهو، توهان کي ڪهڙيون ڳالهيون ڪٿي ٻڌائيندا سين. مان توهان کي وڃٽي جي هوا ٿو ڏيان، توهان ننڊ ڪريو، جو ته توهان کي صبح سويل روانو ٿيڻو آهي.“

”نه نه - اڄ رات مان ننڊ نه ڪندس. تون مون کي اُها ڳالهه ٻڌاءِ ته تون مائٽن جي گهر مان ڇو ڀڄي ويو هئين. ايترا ورهيه ڪٿي هئين ۽ ان وچ ۾ حياتي ڪيئن گذاريئي.“

”سائين، منهنجي زندگيءَ جي ڪهاڻيءَ ۾ اهڙي ڪهڙي دلچسپ ڳالهه آهي، جيڪا توهان ٻڌڻ لاءِ ايڏو منتظر آهيو. مان ته هڪ بيوقوف ماڻهو آهيان ۽ شايد اڪتي به رهندس.“

”ڳالهه جيئن به هجي، مون کي سچ سچ ٻڌاءِ ۽ جي ننڊ اچي ته جاڳائي به ٻڌاءِ.“ مون ٻاراڻو ضد ڪيو.

هن اٽي پاڻيءَ جو هڪ گلاس پيتو. پنهنجي ڪوٽيءَ مان حقو ڪڍي آيو ۽ ڪنگهي ڪٽڪي، شروع ٿي ويو:

"سائين، مان هڪ معزز خاندان جو ماڻهو هوس. منهنجو پيءُ شاهن ڪوٽ ۾ پوليس جو سب انسپيڪٽر هو." هن حقي مان ٽي چار ڦوڪون پريون ۽ قصو شروع ڪيو:

"اسان ٽي ڀائر هئاسون. هڪ مون کان وڏو ۽ هڪ ننڍو. مان ۽ منهنجو وڏو ڀاءُ غفور اسڪول ويندا هئاسون. صبح جو سوير امان اسان کي ننڊ مان جاڳائي، ڌوئي پوئي، شيون ڏيئي اسڪول لاءِ روانو ڪندي هئي. امان، ان کان پوءِ گهر جي ڪم ڪار ۾ لڳي ويندي هئي ۽ اسان شيءِ کائيندا، کلهن ۾ ٿيلها لڙڪائيندا اسڪول هليا ويندا هئاسون. کائڻ واري شيءِ گهٽو ڪري واٽ تي ئي کپي ويندي هئي ۽ منهنجي دل ۾ زور دار سڌ پيدا ٿيندي هئي، تہ جيڪر واپس گهر ڊوڙ پائي امان کي وڃي چوان تہ مون کي ٻي بہ شيءِ ڏئي. پر منهنجو ڀاءُ مون کي نہ ڇڏيندو هو. ان ڪري اسان اسڪول ڏي هليا ويندا هئاسون. مون کي پڙهڻ جو شوق بلڪل ڪونہ هوندو هو. ڪلاس ۾ سدائين پوئتي رهندو ايندو هوس، جنهن ڪري روزانو مار ملندي هئي. خاص ڪري حسابن وارو ماستر تہ مون کي پيو ماريندو هو."

رمضان جي پيشانيءَ تي گهنج وڌڻ لڳا هئا ۽ لڳي پيو تہ هُو حقو ڇڪيندي ڪنهن اونهي خيال ۾ گم ٿي ڪا اهڙي ڳالهہ ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو، جيڪا ورهين جي وِٿي پوڻ ڪري ڳجهارت ٿي پئي هجي.

"سو سائين، ماستر اسان کي تيستائين مار ڏيندو رهندو هو، جيستائين هن جا هٿ ٿڪجي نہ پوندا هئا. اسان کي روئڻ جي همت نہ ٿيندي هئي، ۽ ڏک جهليندي ٽپا ڏيندا هئاسون ۽ هٿ جوڙي معافيءَ لاءِ ٻاڪاريندا رهندا هئاسون ۽ چوندا هئاسون تہ، "سائين رکو اڄ معاف

هوس.

پيرن جو ڪڙ ڪو ٻڌي، مان اوچتو اُٿي ويٺس. ڏٺم ته رمضان ڪاٻي هٿ ۾ بتي لوڏيندو ۽ ساڄي هٿ ۾ بانس جي لٺ ڪنيو اچي رهيو هو. مان هوشياريءَ سان اُٿي ويهي رهيس ته جيئن نندڙڪڙو نه لڳان. رمضان اچي بتي ۽ لٺ هيٺ رکي، حقي مان ڦوڪ ڀري وري شروع ٿي ويو.

”هڪ ڏهاڙي مان امان سان ان ڳالهه تي جهيڙو ڪيو ته مٺائي جو ٿوري ڏني اٿائين. هن کي گهر جو ڪم هو، پر مان مٺائي وٺڻ لاءِ هن جي چنگهن ۾ چنبڙي پيس. هن مون کي لپاٽ وهائي ڪڍي ۽ منهنجين ننڍڙين ٻانهن مان پنهنجا مضبوط پير ڇڏائي ڪاوڙجي هلي وئي. مان اُٿي روئندو ۽ سڏڪندو رهيس ۽ اهڙيءَ طرح اسڪول کي دير ٿي وئي. ايتري ۾ چار ڇوڪرا مون کي اسڪول وٺڻ لاءِ اچي سهڙيا. هنن چيو ته، ’جي نه هلندين ته اسان توکي ڪنيي کڻي وينداسون.‘ مان نابري واري بيٺس. پر هو مون کي ٻانهن ۽ ٽنگهن کان جهلي ٽنگو ٽالي ڪري اسڪول ڏي هلڻ لڳا ۽ سڄي واٽ دڙڪا ڏيندا هليا. اسڪول ۾ خاص ڪري حسابن جي پيرڊ ۾ مون کي ماستر کان جيڪا مهماننوازي ملڻي هئي سا ملي ۽ مان روئي روئي اڌ مئو ٿي پيس. ”ان ڏينهن مون فيصلو ڪري ڇڏي ته هاڻي مان هتان ڀڄي هليو ويندس. مون ۾ وڏيڪ سهپ ڪانه هئي. دل ۾ چيم: هرڪو ڀڳو ته اچي مون کي مارڻ ۽ ڪوبه مون کي پيار نٿو ڏئي. ٺيڪ آ، پنندس ۽ کائيندس. پر هتي نه رهندس.

”مون کي اصل کان لا ڏائو ۽ رولو ماڻهن لاءِ هڪ قسم جي چاهت هوندي هئي. هنن جي آزاد ۽ رولاڪ زندگي مون کي ڏاڍي وڻندي هئي. ٻڌو هوم ته پرپاسي واري ڳوٺ ۾ باگڙين اچي لڏو لاتو هو. انهن ڏينهن منهنجي عمر لڳ ڀڳ ڏهه سال هئي. پر عمر آهر مان وڏيڪ دلير

۽ مضبوط هوس. سو مان اتان چوريءَ وٺي ڀڳس، ڀن يا ٽن ميلن تائين پنڌ ڪري ڪري نيٺ ٿڪجي پيس. فجر ڪان ماني نه کاڌي هئم، پر کيسي ۾ ٿورا ڀڳڙا ڪنيا هئم سي کائي، ٻنيءَ جي ڪسيءَ مان پاڻي پي هڪ وڻ هيٺان سمهي پيس. ۽ جنهن مهل اک کلي ته ڏٺم ته پوپاڙي تي وٺي هئي. مون کي پڪ هئي ته شام تائين منهنجي پويان ڪوبه نه ايندو. ڇاڪاڻ ته ان ڪان اڳ به ڪيترا ڀيرا گهر مان ڀڄي نڪتو هوس، پر پوپاڙيءَ تائين پوئتي موٽي آيو هوس. سو ڊوڙڪي هلڻ لڳس ۽ نيٺ انهيءَ ڳوٺ اچي سهڙيس، جتي باگڙين لڏو لاٿو هو. پوءِ مان سڌو اوڏانهن هليو ويس. هنن جو ڏٺو ته ٺاهوڪو شڪار اچي ويو آهي. سو مون کي کائڻ لاءِ شيون ڏنائون. هڪ ڪراڙي مائيءَ اچي ڳراٽڙي پاتي، ننڍا ٻار ورائي ويا ۽ ائين عجب وچان ڏسي رهيا هئا ڄڻ مان ڪو عجوبو هوس."

رمضان ائين چئي خاموش ٿي ويو. هڪ ڍگهو ٿڌو ساهه ڀري ٻرندڙ ٻتيءَ ۾ گهوري ڏنائين جيڪا اجهامي رهي هئي. هن حقي مان ٻڙ ٻڙ جا آواز ڪڍيا ۽ اوچتو وري ڳالهائڻ لڳو:

"جڏهن مان گهر مان نڪتو هوس ته امڙ جي کيسي مان ٻه رپيا ۽ ڪجهه پئسا چورائي آندا هئم سي ڪڍي باگڙين کي ڏنم ته جيئن هو مون کي خوشيءَ سان پاڻ وٽ رهائين. تن ڏينهين مان ٻار هئس. مان هنن بدمعاشن کي سمجهڻ جهڙو نه هئس،. هنن مون کي گهوري ڏٺو ۽ پئسا وٺي منهنجي پٺي ٺپي چوڻ لڳا ته 'هي سٺو ڇوڪرو آهي.' چيائون. 'اسان توکي دهل وڄائڻ سيکاريندا سين ۽ هڪ پولڙي ڏئي پنڻ موڪليندا سون. پولڙي ملڻ جو ٻڌي مون کي ڏاڍي خوشي ٿي. مان ڏاڍو ٿڪل هوس ۽ جلدي ننڊ پئجي رهيس."

رمضان وري چپ ٿي ويو ۽ پوءِ مون ڏي نهاري ٿوري هٻڪ سان سوال ڪيائين، "توهان ڪڏهن به شاگرد رهيا آهيو، توهان بيزار نه ٿيا

۾ هليو وڃان ۽ جوئر جا سنگ چني اچان. . . .

"رمضانَ،" مون چيو. "منهنجي من جي اَتل تو کان نرالي ناهي. تون پنهنجي ڪهاڻي جاري رک. . ."

"حاضر سائين. . . ويسرِ جي ڪري خبر ناهي ڳالهه ڪاٿي ڇڏي هئم. . . . سو سائين، ان رات سمهي ڏاڍي ننڊ ڪيم ۽ ڏڪيءَ مهل جڏهن اکِ کُلي ته سمجهه ۾ نه پيو اچي ته ڪٿي آهيان. اکين تان خمار لٿا ته خبر پئي ته ڪنهن ڇَپَرَ ڪٽ تي ليٽيل ناهيان، پر ڪنهن ڇُرندڙ پرندڙ شيءِ تي سمهيل آهيان. . . . خوف وچان اٿي ڪڙو تيس ۽ هيڏانهن هوڏانهن نهاريم. ڏٺم ته گڏهه جي پٺيءَ تي رکيل ڪنهن سنج تي سمهيل آهيان. . . . ۽ منهنجي اڳيان توڙي پٺيان باگڙي آهن. زالين مڙسين سامان جي بار سان لڏيل گڏهن جي اوسي پاسي پنڌ ڪري رهيا آهن. ڪجهه گڏهن تي هنن جا ٻار به سمهيل آهن. مون اهو سيڪجهه هڪ نظر سان ڏسي ورتو ۽ ڪلهه جي واردت ياد اچي ويئي. لڳو پئي ته جيئن ئي منهنجي اک لڳي وئي هئي ته هنن به لڏپلاڻ شروع ڪري ڏني هئي. هو مون کي ڪيڏانهن کنيو پئي ويا. اوبرن ماٿهن ۾ ٻاڻ کي ڏسي منهنجيون اکيون ڳوڙهن سان ڀرجي آيون. ذري گهٽ دانهون ڪرڻ تي هوس. پر ننڊ جا خمار وري وڪوڙي ويا ۽ وري تڏهن جاڳيس جڏهن سج مٿي چڙهي آيو. . . . پر قافلو اجا اڳتي وڌي رهيو هو. مان پنهنجي ڳوٺ ڪانسواءِ ٻي ڪنهن به جاءِ کان واقف ڪونه هوس. ان ڪري اجنبي ملڪ ڏسي مزو به پئي آيو ۽ وري خوف به پئي ٿيو. نيٺ اسان هڪڙي ڳوٺ جي پاسي ۾ اچي لڏو لاٿو. هڪدم تنبو لڳي ويا ۽ ڪجهه باگڙي ڳوٺ ڏانهن ماني ٽڪي پنڻ لاءِ هليا ويا. مان اتي ئي لڏي سان گڏ ويٺو رهيس. هنن مون کي مانيءَ ٽڪر ڏنو، جيڪو مان بک وچان ڳڙڪائي ويس. ان مهل مون کي سار آئي ته ڪيئن نه امڙ مون کي منائي ۽ ٿول ڏيندي هئي. پر ان وقت سواءِ روئڻ جي ٻيو ڪو چارو

ڪونہ هو. ملڪ اوپرو ۽ پوئتي موٽڻ مجال هو. سو مان روئي ويٺس. هنن مون کي پرچائڻ جي ڪوشش ڪئي جيڪو پني آيا هئا، ان مان ڪجهہ شيون آڇي پرچائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. پيار واري لهجي ۾ سمجهائڻ لڳا تہ هو مون کي ڪجهہ ڏينهن ٻارن سان گڏ هڪ ٻئي ڳوٺ ڏانهن موڪلي ڏيندا جتي هو پاڻ ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ پهچندا. اهڙيءَ طرح هنن مون کي هڪ گڏهہ تي سوار ڪيو ۽ ميرا ڪپڙا پارائي، ڪجهہ ماڻهو ساڻ ڏنا، جن کي دهل ۽ پولو ساڻ هو. اهڙيءَ طرح هوُ پويان پوڳ نڪاوَ ڪندا، ڪلندا ۽ مون کي وندرائيندا هلندا پئي آيا. جڏهن ڏينهن تپي ويو تہ هڪ وڻ جي ڇانوَ ۾ ٽي ويٺا ۽ پاڻ سان جيڪا ماني کڻنن هئائون، سا مون کي بہ کارايائون. پوءِ جڏهن ڏينهن ٺورو ٺريو تہ وري پنڌ پياسون ۽ رات جو هڪ ڳوٺ ويجهو اچي سهڙياسون. اُتي وڻن هيٺان تنبو هٽي ويهي رهيا ۽ جيڪي پوئتي رهجي ويا هئا، اُهي جڏهن اچي پهتا تہ وري اُتان تيز ڪٽي ٻئي هنڌ ڏانهن روانا ٿيا. مون کي هاڻي سمجهہ ۾ پئي آيو تہ هو هڪ هنڌ کان ٻئي ۽ ٻئي کان ٽئين هنڌ ڇو پئي ويا. هو در حقيقت پوليس کان بچڻ لاءِ ايئن ڪري رهيا هئا. پوليس هنن کي پڪڙيو هو ۽ منهنجي لاءِ تلاشي بہ ورتي هئي، پر مان نہ لڌو هوس، ان ڪري هنن کي مارڪٽ ڪري، گاريون گند ڏئي ڇڏي ڏنو هئائون. ۽ ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ هو آزاد ٿي اچي وڌيا هئا."

هي واردات بيان ڪندي رمضان جوش ۾ اچي ويو. هن جي پيشانيءَ تي پگهر جا ڦڙا چٽا نظر اچي رهيا هئا، ۽ هن جي اکين ۾ پوليس لاءِ نفرت جا اولڙا نظر اچي رهيا هئا. هو حقو ڇڪڻ لڳو ۽ قصو وري شروع ڪرڻ وارو هو تہ مون وچ ۾ سوال ڪيو، "هنن باگڙين تو کي ڪهڙي مقصد لاءِ پاڻ سان ڪنيو هو. مون ٻڌو آهي هي ماڻهو ٻارن کي تيل ۾ پچائي کائيندا آهن. تو هنن وٽ رهندي اهڙي ڪا واردات

اکين سان ڏني؟"

"مان اهوئي توهان کي ٻڌائڻ وارو هئس تہ مان هنن وٽ سڄا سارا ٽي سال رهيس، پر سمجهي نہ سگهيس تہ هو ٻار ڇو چورائيندا آهن. ٽي سگهي ٿو تہ هو ٻارن کي وڪڻندا هجن. پر هنن جا ٻار ڪير خريد ڪندو؟

"بهرحال، مهيني ٻن ڪانپوءِ مون کان ماءُ پيءُ، ڀينرون ۽ ڀائر وسري ويا ۽ مان بہ هنن جيان باگڙي ٿي ويس. هو منهنجا وارث ۽ هنن جا ٻار منهنجا دوست بڻجي ويا. اسان هڪ کان ٻي جاءِ تي رولاڪن وانگي گهمندا رهياسون ۽ ان رولاڪي ۾ مون کي ڏاڍو مزو ايندو هو. گڏهہ جي سواري، نوان نوان ڳوٺ ۽ واهڻ، نوان ماڻهو مختلف تجربا مون کي موهڻ لڳا. هنن جوڪاڏو ۽ گندگيءَ واري رهڻي ڪهڻي هاڻي مون يانءِ پڄي وئي هئي. انهن شين جي مان پرواهہ نہ ڪندو هوس ۽ هنن سان گڏ پنڻ ويندو هوس ۽ ماڻهن کي پولڙيءَ جا ڪرتب ڏيکاريندو هوس. هلندي گهمندي جڏهن ڪا ماءُ اسان جي ڏپ وچان، سٽ ڏيئي پنهنجي ٻار کي ڪڇي سيني سان لائي سوگهو ڪندي هئي، تہ ان وقت مون کي پنهنجي ماءُ ياد ايندي هئي ۽ ڪڏهن ڪڏهن رُلندي ٻنندي ڪنهن مائيءَ کي ڏسي ٻلجي پوندو هوس تہ ڄڻ اُها منهنجي ماءُ آهي. پر اُهو سڀڪجهہ هڪ لمحي جو کيل هوندو هو. مان هنن سان رهندي ڏاڍو خوش هوندو هوس ۽ هنن وٽان بانسري وڄائڻ بہ سکي ويو هوس. . . ."

"اسان کي تہ تو ڪڏهن بہ نہ ٻڌايو آهي نہ ڪو تو کي بانسري بہ وڄائڻ ايندي آهي؟ تو وٽ تہ هن وقت ڪا بين بہ ڪانهي." مون عجب وچان سوال ڪيو.

"اها ڳالهہ مان اوهان کي پوءِ ٻڌائيندس. مون وچن ڪري ڇڏيو آهي تہ مان ڪڏهن بہ بانسريءَ کي هٿ نہ لائيندس." هن ڪنندي

کي چورائي ڪٿي هلون. ان تي مون هڪدم انڪار ڪيو ۽ باگڙين کي ڏمڪي ڏني تہ جيڪڏهن هنن اهو ڪڏو ڪم ڪيو تہ مان هن ڇوڪريءَ جي مالڪن کي وڃي اطلاع ڪندس. مون ڏنو تہ مون واري بغاوت هن کي ڏهڪائي ڇڏيو هو ۽ ان ڪان پوءِ هو جلد ڪان جلد اُهو ڳوٺ ڇڏڻ لاءِ تيار ٿي ويا. سو هڪڙي ڏينهن ڏڪيءَ جو هنن چپ چپات ۾ لڏو ڪنيو ۽ هلڻ هارا ٿيا تہ مون ڪنهن ڪم جو بهانو ڪري هنن کي چيو تہ توهان هلو تہ مان توهان جي پٺيان اچي ٿو توهان کي پهچان. اهڙيءَ طرح مان پنهنجي اٽڪل ۾ ڪامياب ٿي ويس ۽ خانہ بدوشن ڪان جان ڇڏائي ويس."

ائين چئي رمضان چپ ٿي ويو ۽ ٻي خبريءَ جي عالم ۾ چلم ڇڪڻ لاءِ هٿوراڙيون ڏيڻ لڳو. پر حقو سڙي ويو هو، سو اٿي وڃي پنهنجي رهڻ واري ڪوٺيءَ مان ٻيڙيون ڪٿي آيو. هڪ ٻيڙي دکائي هو وري شروع ٿي ويو:

"سو سائين، ڪجهہ ڏينهن ڪان پوءِ مان ساڳئي ڳوٺ ۾ موٽي آيس ۽ ڪم ڪار هٿ ڪرڻ لاءِ رلندو رهيس. ان وچ ۾ من موهڻي ڇوڪريءَ سان ملاقات ٿي. تنهن سوالن جو وسڪارو لائي ڏنو، هي خانہ بدوش باگڙي ڪاڏي هليا ويا. تون ايترا ڏينهن ڪٿي هُئين. منهنجي پولڙي ڪٿي آهي؟ بانسري ڪٿي آهي؟"

"مان هن کي سربستو حال ٻڌايو تہ مان ڪهڙي نموني هنن ڪان پڃي جان ڇڏائي آهي، چاڪاڻ جو هو توکي چورائي ڪٿي وڃڻ چاهين پيا. اهو ٻڌي نينگري گهبرائجي وئي ۽ ڊڪندي وڃي پنهنجي پيءُ کي چيائين تہ ڪي ماڻهو هن کي ڪٿي وڃڻ چاهين پيا. سندس پيءُ هن جي اٿپوري ڪهاڻي چڱيءَ طرح سمجهي نہ سگهيو سو هن مون کي ماڻهو موڪلي گهرائي ورتو. اهڙيءَ طرح ٽن سالن جي بيجڙي ۽ گدلي حياتي گذارڻ ڪان پوءِ مان هڪ معزز خاندان ۾ داخل ٿي ويس جيڪو هڪ

صاف ستري ۽ ڪشادي بنگلي ۾ رهندو هو. نينگريءَ جو پيءُ هڪ زميندار هو. هن مون کان منهنجي اصل نسل ۽ زندگيءَ بابت ڪيترا سوال ڪيا ۽ مونتي ڪهل آئي پاڻ وٽ نوڪري رکڻ جي آڇ ڪئي، جيڪا مون ڏاڍي خوشيءَ سان قبول ڪئي.

"هتي رهي مون ڏاڍي ايمانداريءَ سان اٺ سالن گذاريا. هنن جي گهر جو ڀاتي ٿي رهيس. جيئن مان هتي مال ٿو چاريان، تيئن هنن به مون کي مال چارڻ جي ڪم سان لڳائي ڇڏيو. مان من موهڻيءَ لاءِ جهنگلي ميوا ڪٺي ايندو هوس ۽ هن کي کير پڻ پهچائي ويندو هوس ۽ پوري پوري ڪوشش ڪندو هوس ته هر ڪم ۾ هن کي خوش رکان. هن کي بانسري وڄائي وندرائيندو هوس، اسڪول ڇڏڻ ويندو هوس ۽ هن کي ميلي ملاکڙي توڙي ويجهڙن ڳوٺن ۾ سندس مائٽن تائين به وٺي ويندو هوس ۽ ڪڏهن ڪڏهن جڏهن هوءَ ضد ٻڌي ويهندي هئي ته هن کي ڳائي به ٻڌائيندو هو س ۽ گڏهه جي هينگن جهڙا آواز ڪڍي هن جي دل وندرائيندو هوس.

"وقت گذرڻ سان گڏ من موهڻي جوان ٿي رهي هئي، پر مون کي ڪا ڪل ڪانه هئي ته هوءَ معصوم نينگريءَ مان ڇوڪري ۽ پوءِ جوان عورت ۾ تبديل ٿي رهي هئي. مکڙي ٽڙي گلاب جي گل جو روپ وٺي رهي هئي پر مان هن سان پنهنجي ننڍڙيءَ ڀيڻ وانگي پيار ۽ پاٻوهه سان پيش ايندو هوس. مون کي هن سان ملڻ ۽ ڳالهائڻ جي اجازت هوندي هئي ۽ هوءَ به مون سان ائين ئي هلندي هئي. . . پر پوءِ هڪ ڏينهن هن جي شادي ٿي وئي."

هاٺي رمضان ڪهاڻيءَ ۾ مختصر ۽ ماپيل توريل جملا استعمال ڪري رهيو هو.

"شادي ڪري هوءَ هلي وئي.مان پوئتي اڪيلو رهجي ويس. هن ڪانسواءِ مان سندس پيءُ جي گهر ۾ گهڻو رهي نه سگهيس. سچا سارا

هتان نہ ويندس. بس هاڻي دفن بہ هتڙي ٿيندس؟"

رمضان جي انهن زباني وعدن جي باوجود ڪجهہ مهينن ڪان پوءِ ڪاليج ۾ مون کي پنهنجي پيءُ کان خبر پئي تہ رمضان اوچتو الائي ڪاڏي گم ٿي ويو آهي ۽ هن جهڙو ايماندار ۽ وفادار ٻيو ڪو ڪمي ملي نٿو سگهي.

(هيءَ ڪهاڻي اصل انگريزيءَ ۾ Truant جي عنوان سان ۱۹۴۰ع ۾ شانتي نڪيتن ڪاليج جي انگريزي مئگزين لاءِ لکي هئي.)

# ڪجھہ ڇوڪر هيئن بہ پيار ڪن ٿا.

"او گوپ! گوپ! اٿي! ٻڌ تہ سهي. . . . ."

مون اکين کولڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ پاسو ورائيندي ڪنجهيس.

"اون، اون. . . . ."

هن منهنجي مٿي کي هيڏي هوڏي لوڏيندي رڙ ڪئي "او، او ٻڌ تہ . . . . مان هن سان مليس . . . ." مون منهنجي اکين کي مهٽڻ شروع ڪيو. پوءِ هن کي گهورڻ لڳم. مان پنهنجن نہ پتجندڙ اکين سان ڏٺنڌلي نموني هن جون چمڪندڙ اکيون ۽ ٻهڪندڙ چهرو ڏٺو هو خوشيءَ ۾ نہ ٿي ماپيو.

"ڪنهن سان ملئين." مان پنڪيون ڪائيندي ۽ گهرا ساھہ پريندي هن کان پڇيو. . . . .

هن هوا ۾ ٽپا ڏنا ۽ تاڙيون وڄايون.

"ڇو، هن سان. . . . . هن سان . . . . . اها. . . . . اها، تون هن کي سڃاڻين."

مان هٿ منهن ڌوئڻ لاءِ اٿي ويس ۽ پوءِ موٽي اچي ڪائنس ٻڌڻ ۽ آڏي پڇا ڪرڻ شروع ڪيم.

"اڇا، تہ هاڻي مون کي ٻڌاءِ."

هو منهنجي وڪيلاڻي سرد مهريءَ واري انداز تي ڪجھہ حيران ٿيو. تنهن هوندي بہ هن ٽپو ڏنو ۽ پنهنجن ٻانهون منهنجي ڳلي جو هار ڪيائين ۽ چمي ڏئي زور سان سڙ ٻات ڪيائين. "مان هن سان مليس. . . . هن سان . . . . . ديويءَ سان."

شرميلو ڇو آهين؟ مان تنهنجي ساٿياڻي ٿيندس. مان تو کي ان ڪان وڌيڪ ڇا ٿي چاهيان، جيترو تون پنهنجو پاڻ کي چاهين ٿو... مون کي اميد آهي ته تون پڻ مون کي سمجهي سگهندين.... هوءِ ائين چئي مرڪي پئي. اها ساڳي مرڪ، جيڪا مون کي چريو ڪري ٿي. مان بيٺو رهيس. منهنجون اکيون ڳوڙهن ۾ تر ۽ منهنجا چپ مرڪ سان گڏ ڦڙڪڻ لڳا. منهنجن ٻانهن ۾ جنبش اچي وئي. مان هن کي ڪٽي، پنهنجي ڇاتيءَ سان لڳائڻ پئي چاهيو، چمڻ پئي چاهيو. ٻڌائڻ پئي چاهيو ته مون ڪيڏو نه سڪيو آهي ۽ رنو آهيان هن لاءِ. مون هن کي ٻڌائڻ پئي چاهيو ته هوءِ منهنجي ساٿياڻي، منهنجي اپسرا آ، محبوبه آ، پر مان ائين چئي نه سگهيس." هن جون اکيون جيڪي ڪجهه گهڙيون اڳ خوشيءَ ۾ چمڪي رهيون هيون، ڳوڙهن سان تر ٿي ويون. هن جا چپ ڏڪڻ لڳا. ارجن ڪڏهن ڪڏهن پنهنجو پاڻ کي ايتري حد تائين جذباتي ڪري ڇڏيندو آهي.

اسان روڊ پرسان بئنچ تي ويهي رهياسين، وڻن سان هوا جي ٽڪرائجڻ جا آواز اچي رهيا هئا. ۽ ڏامر واري روڊ تي بجليءَ چمڪا پئي ڏنا. مان خيالن ئي خيالن ۾ گم ٿي ويو هوس. "مان به ڪنهن کي پيار ڪيو آ!؟... "نيٺ ارجن مون کي لوڏو ڏنو ۽ منهنجي خيالن جو تسلسل ٽٽي پيو. جڏهن هن چيو "اٺ بيوقوف، مان ڳالهائي رهيو آهيان ۽ تون سمهيو پيو آهين. اٺ ته هلون... هتي ڏاڍي ٿڌ آهي." مان هن جي چپن تي سقراط واري مرڪ ڏٺي. ٻانهون ٻانهن ۾ وجهي اسان پنهنجي موٽياسين ۽ سمهي پياسين.

پر امتحان ڪنهن جو انتظار ڪو نه ڪندا آهن. ويندي عاشقن جو به نه، انٽرميڊيٽ جو امتحان ڇگو خاصو ڏکيو معاملو آهي. اهي گهڙيون جيڪي ارجن کي پنهنجي ڪتابن سان گهارڻ گهربيون هيون، هن اهي تصوراتي ڪوتائون لکندي وڃائي ڇڏيون. جن ۾ ذڪر هيو وڻن جي

ڳراٽڙيون پائيندڙ لامن ۽ تارين جو، گٽڪندڙ ڪبوترن جي جوڙن جو. هوا ۾ ترندڙ ڪڪرن کي هڪ ٻئي جي سنيها ڏيڻ جو. مان هن کي جڏهن پڙهڻ جي تاڪيد ڪندو هيس ته جذبات ۾ وڪلڻ لڳندو هو. "مان انهن غير دلچسپ ڪتابن کي پڙهي پنهنجي آتما کي به مارڻ نٿو چاهيان." ڪڏهن ته هو ڏاڍو مايوس لڳندو هيو ۽ پنهنجو پاڻ تي جبر ڪري پڙهڻ ويهندو هو. پر گهٽي وقت تائين نه پڙهندو هيو. نوٽ بوڪن، پينسلن ۽ رومال مان ڇڻ ڪڪ تي پوندو هيو ۽ پنهنجي پڙهڻ واري ٽيبل تي پيل شين کي، اجايو سجايو هيڏي هوڏي ڪندو رهندو هيو. يا وري اوچتو ئي اوچتو ٻاهر نڪري ويندو هيو ۽ ڇئن پنجن ڪلاڪن کان پوءِ موٽ ڪندو هو.

امتحان جي تياريءَ جون موڪلون ملي چڪيون هيون. ان ڪري هو ديويءَ کي نه پئي ڏسي سگهيو. جڏهن ته هوءَ ڏاڍي محنت ڪري رهي هئي پر هن جي حالت ڪنهن پڃري ۾ قاتل شينهن جهڙي هئي. هو رات جو دير سان ٿڪل، ڏڪارو ۽ بيچڙي حالت ۾ موٽندو هيو. هو سمهڻ وقت لٽا متائڻ ۽ جوتن لاهڻ جي تڪليف به ڪو نه ڪندو هيو. انهيءَ سبب مان هن جي باري ۾ پريشان رهڻ لڳس. مان هن کي چاٽندو هيس ته وڏي همٿ وارو آهي، پر هاڻي هن سان ڪهڙو طريقو اختيار ڪجي؟ هو پڻ امتحانن، جي باري ۾ فڪر مند هوندو هيو، پر "مان ڇا ٿو ڪري سگهان." هو چوندو هيو.

امتحانن ۾ باقي هڪ هفتو بچيو هيو. ظاهر ۾ ارجن ڪنهن شيطان وانگر محنت پئي ڪئي. هو رات جو ٻين وڳي تائين ويٺو رهندو هيو ۽ پڻ سڄو ڏينهن پڙهڻ ڪري ٿڪل رهندو هيو.

"مون کي پنهنجو ڪم ختم ڪرڻ گهرجي... اهڙي پيار کي ٻاهر ڏجي، اهڙو پيار ڏئي به ڇا ٿو سگهي... زندگي ڪنهن وڏي مقصد لاءِ هوندي آهي." ان هوندي به مون چاتو پئي ته محنت ڪرڻ سان گڏوگڏ

هو پيڙا ٻه ڀوڳي رهيو آهي. هن کي ڀرڻ جا ڀر مون خالي نظرن سان گهوريندي ڏٺو هو. هن جي اکين جي چوڌاري ڪارا نشان نهي ويا هئا. هن ڪيترن ڏينهن کان وني ڏاڙهي به نه ناهي هئي. تمام گهڻ ڪائڻ لڳو هو. ان ڪري مون هن کي خبردار ڪيو، "تون پنهنجو پاڻ کي ماري رهيو آهين. جهڙي پوندين... خيال ڪر."

"نه مان پاڻ کي امتحانن کان پوءِ ٺيڪ ٺاڪ ڪري وٺندس تون ڳڻتي نه ڪر...."

امتحانن کان چار ڏهاڙا اڳ، مون سوير اٿيندي ارجن جو بسترو خالي ڏٺو، هو اڃان تائين پڙهي رهيو هو. مان هن جي ڪلهي تي هٿ رکيو ۽ محسوس ٿيو ته هو ڪنهن بت جيان آڪڙجي ويو هو. آڪسفورڊ جي ڊڪشنري هن جي اڳيان پئي هئي ۽ هو پڙڪي رهيو هو. هن جي پرسان منطق جي ڪلاس دوران ورتل منهنجا لکيل نوٽ پيا هئا، جن ۾ بيان جي فطرت تي بحث ٿيل هو. "عورت هڪ عجيب ۽ غير منطقي مخلوق آهي... اها هڪ غلط وصف آهي.. ظاهر ۾ هن ڊڪشنري کولي لفظ "عورت" جي معنيٰ پئي ڏٺي ۽ چپن ۾ پڻ پڻ ڪيائين ته ، "عورت هڪ معصوم ۽ غير منطقي مخلوق آهي،" "عورت هڪ بالغ (انساني) مونث آهي" ..... مان ڊڄي ويس ته هو چريو ٿي پيو آهي. "ارجن، ارجن...." مان هن کي لوڏيو. هن مون ڏانهن ڏٺو، هن جون اکيون آليون هيون، جن ۾ نماڻائيءَ جي جهلڪ هئي. "ارجن، هلي آ ته مان توکي بستري تي سمهاريان..." هو ڪنهن ٻار وانگر اٿيو ۽ مان هن کي بستر ڏانهن وٺي ويس. آلي ٽوال سان هن جو جسم اگهي ڪيس ڌوتل ڪپڙا ڏنم ۽ پوءِ هن کي بستري تي سمهاري ڇڏيم. مان هن کي ٿڦڪيون هڻندو ۽ سندس وارن ۾ آڱريون گهمائيندو رهيس. هن آرام محسوس ڪيو ۽ ڪيس گهري ننڊ وٺي وئي. جڏهن ٻين وڳي مان پنهنجي دوست جي گهر کان ٿيندي موٽيس، ڏٺم ته در

ڪليو پيو هو. ارجن ڪمري ۾ نہ هيو. مان ٻاهر نڪتس. ٽن ڪلاڪن جي ڳولا ڪان پوءِ ۽ مون هن کي پبلڪ پارڪ ۾ وينل ڏٺو. جنهن لاءِ هو مون کي اڳ ئي ٻڌائي چڪو هيو تہ هو ديويءَ سان اتي ئي مليو هو. بئنچ تي ويٺي سامهون چنبيليءَ جي سفيد گلن کي گهوري رهيو هو. مان هن جي پٺيءَ واري پاسي کان وڃي، پنهنجي هٿن سان هن جون اکيون بند ڪيون. هو ڇهرڪائي پيو ۽ سهمجي ويو ۽ پوءِ سيڪنڊ ۾ مان ڪيس ڦهلجندي محسوس ڪيو. "ديوي! ديوي! هن آهستيءَ سان چيو مان انهيءَ تي ڪيس دٻ پٽي "ديوي! ديوي! سدائين ديويءَ لاءِ سار. تو ان ۾ لڌو ڇاهي..." مون ڪيس چيڙائيندي چيو. هو ڦڪي ڪل ڪليو ۽ چيائين تہ "هائو هن ۾ آهي بہ ڇا"؟ مان هن جي خيال مٽائڻ لاءِ ڪيس ليڪچر هال ۾ وٺي ويس. هن انهيءَ ۾ ڪا خاص دلچسپي نہ ورتي ۽ نہ وري ناپسنديدگيءَ جو اظهار ڪيائين. ليڪچر کان پوءِ هن ارادو ڏيکاريو تہ پاڻ کي "پاريسان" هوٽل هلي جيلي کائڻ گهرجي. مان هن کي اهڙي موڊ ۾ ڏسي ڏاڍو خوش ٿيس. سڄي شام هو بہ ڏاڍو خوش رهيو.

نائين وڳي اسين واپس ٿياسين. مان هن جي بيزار نظرن مان اندازو لڳائي ورتو تہ هو ٿيبل ڏانهن ڏسڻ کان لنوائي رهيو آهي. جتي ڪتابن جا ڍڳ لڳا پيا هئا. هن خاموشيءَ سان ڊريس تبديل ڪئي ۽ وڃي ننڊ ڪيائين. هن جي سمهڻ جي پڪ ڪري مان پڻ سمهي پيس اڌ رات جو اوچتو جڏهن مون کي جاڳ ٿي تہ مون پنهنجي پير واري ڪٽ ڏانهن نهاريو. مون ڏٺو تہ هو چنگهن تي ڪمبل رکي، سڏڪا ڀري روئي رهيو هو.

مان هن کي آٿت ڏيڻ لاءِ پنهنجا هٿ هن جي ڇهري تي آهستگيءَ سان گهمايا. اهو نہ ڄاڻندي تہ هن کي ڪهڙن لفظن سان سرچايان. هن منهنجي ڇاتيءَ ۾ منهن هٿي روئڻ شروع ڪيو. "مون هڪ ٻُرو

خواب ڏنو" هو وري سڏڪن ۾ پئجي ويو. مون اهو ڏيکارڻ لاءِ تہ مان مٿانهس ڪاوڙيل آهيان، چوڻ شروع ڪيو "تون نسورو احمق آهين جو بري خواب ڏسڻ تي تو روئين... هڪ نوجوان لاءِ اها نئين ڳالهہ ناهي." هو ڊنل هيو. تڪڙا تڪڙا ساهہ کڻي رهيو هيو ۽ پوءِ پنهنجو مٿو منهنجي سٿر تي رکي ڇڏيائين، جڏهن هن کي ننڊ وٺي وئي تہ مان پنهنجي چنگهن کي آرام ڏنو. ٻيو سڄو ڏينهن هن خوشيءَ ۾ هر ڪم پئي ڪيو، سيٽيون وڄائيائين ۽ جهونگاريائين.

رات جو ڏهين وڳي اسين سمهياسين. صبح سويري مون ڏاڍي ٿڌ محسوس ڪئي. مون ڪوشش ڪئي تہ جيڪو ڪجهہ بہ ويڙهڻ لاءِ بستري تہ موجود هيو، ويڙهي ڇڏيو. پر پوءِ بہ مان ٺرڪي رهيو هيس. مون سوڙ مان منڍي ڪڍي ٻاهر نگاهہ ڊوڙائي تہ ڪمري جو دروازو ڪليل هيو ۽ ٿڌي هوا ان مان تيزيءَ سان داخل ٿي رهي هئي. مان هڪدم بستري تان اٿيس ۽ ڏٺم تہ ارجن جو بسترو خالي هيو. ڪجهہ گهڙيون مان حيران ۽ پريشان ٿي ويس. پوءِ مان جڏهن پنهنجي هوش ۽ حواس ۾ آيس ۽ ڪليءَ مان هڪدم وڏو ڪوٽ لاٿم ۽ پنهنجن ڪلهن تي رکي ٻاهر ڀڳس. ٽپ - ٽپ - ٽپ - مون اهو نہ پئي ڄاتو تہ مان ڪيڏانهن ڀڄي رهيو آهيان. پوءِ اوچتو ئي اوچتو پبلڪ پارڪ جي ڦرندڙ لوهي گيٽ منجهان گذري ويس. مڙندي مان اندر داخل ٿيس ۽ سڌو انهيءَ بئنچ ڏانهن ڀڳس، جتي ان ڏهاڙي مون هن کي ڏٺو هو. هو ڪروندڙو ٿي ويٺو هو ۽ سڄو ماڪ ۾ پنو پيو هو. مون پنهنجو وڏو ڪوٽ هن جي مٿان وڌو ۽ هن کي پنهنجي ڪلهي تي کڻي پٺتي ڀڳس. مون اهو بہ چڱيءَ طرح نہ پئي ڄاتو تہ مان ڪيترو بار پنهنجن ڪلهن تي کنيو آهي ۽ ڪيترو پنڌ ڪيو اٿم.

ڊاڪٽر صبح جو پهتو. "ڊبل نمونيا...." منهنجي پيرن هيٺان زمين کسڪي وئي. پنهنجي پڙهائي، ارجن جي باري ۾ مسلسل پريشاني ۽

راتين جي اوجاڳي ڪري مان پاڻ بہ ڏاڍو ڪمزور ٿي ويو هوس ۽ بخار ۾ ورتجي ويو هوس. ارجن جو ڪيس تہ ڏاڍو خطرناڪ ٿي ويو. هن کي سول اسپتال اماڻيو ويو هو...

ڊاڪٽرن مون کي ٻڌايو تہ مان ڪيترن ڏينهن کان وٺي تيز بخار ۾ مبتلا رهيس. مون کي ٻڌايو ويو هيو تہ ارجن خطري کان ٻاهر هيو ۽ هو سگهو ٺيڪ ٿي ويو!

پر جڏهن مان چڱو ڀلو ٿيس تہ مون کي اصلي حقيقت جي ڄاڻ پئجي وئي.... ۽ ... هو مري چڪو هو!

(هيءَ ڪهاڻي اصل انگريزي ۾ The ways some boys love جي عنوان سان نومبر- ڊسمبر ١٩٤٠ع شانتينڪيتن وشو ڀارتي ڪاليج مئگزين واليوم ١١نمبر (٦.٥) ۾ ڇپي ۽ اتان ترجمون ڪئي وئي.)

ڦوڙي ٻڌي ويئي پئسا گڏ ٿيڻ لڳا. پنج اٺ ڄڻا ڪليڪٽر ڪي ڏسڻ ويا. ڪليڪٽر دلاسو ڏنو پر ڪجھ ڏينهن بعد صفا جواب. ڳوٺ ۾ وري لڏڻ جي سس پس ٿيڻ لڳي.

نيٺ هڪ ڏينهن ڳوٺ خبر پيئي ته بصر مل شهر ۾ جاءِ ڪري آيو آهي. پوءِ ته ڪو ڪاڏي ويو ته ڪو ڪاڏي. سڀ هٽي ڏٽي شهر ۾ جايون ڪري آيا. مسواڙون ڳاتي پڳيون پر سيٺي ڪي خوف سو خرچ جو خيال ڪونه ڪيائون.

وري پئنچ گڏ ٿيا. ڪنهن ڪنهن ڪي ڏوهه ڏنو. ڪنهن ڪنهنڪي، پر ڏوهه ڏيڻ مان ڇا وري. سيٺي جون دليون ڪاڏل هجن ته پوءِ رهي ڪير. نيٺ فيصلو ٿيو ته ٽن ڏينهن بعد سڀ لڏين. سڀ ملول منهن واپس گهر ويا.

اها خبر انوقت ئي سڄي شهر ۾ ڦهلجي وئي. ڳوٺ جي مسلمانن جو چڱو خاصو ميڙاڪو مڙي هنن وٽ آيو. چي، "ٻيلي ڳوٺ نه ڦٽايو. پائڙ تي رهيا آهيون ڳوٺ آباد لڳو پيو آهه. پوءِ هي گهٽيون ٻه ڪائڻ پيون ايندي يون. ماٺهو آهه ته وسئن آهه. اسان مري ڪونه ويا آهيون. تهان جي مٿون سر ڏينداسين. اسانجا ڪو ٻنڌن تي پٽڪا ڪونهن. ماري پوءِ توهان ڪي هٿ لائن باقي ائين مڙس هن ڳوٺ ۾ گهڙڻ نه ڏينداسين." پر وريو ڪجھ ڪين. واڻين ڪي اهو شڪ ته ڏاڙيلن اڇڻ مهل هي مسلمان ئي اسانکي ڦريندا! مايوس ٿي ميڙ واپس ويو.

ٽئين ڏيهن صبوح سان گهڙيءَ ۾ ٻيل ڳاڏيون اچي ويون دليون ٻي دليون، زالن ڪلهه سامان ٻڌي رکيو هو. زالن جي ڳوٺ ڇڏڻ تي دل اصل ڪانه. مرد "لاچار ڪي ڪهڙو آچار" ڪيو ڪنڌ هيٺ ڪيو پيا گهمن. ڪو ڪنهن سان ڳالهائي ڪو نه ٿو. سيڪو سانت ۾ سامان ڍوئي ڳاڏين ۾ پيو وجهي جڻ هن ڳوٺ ۾ اوچتو سيٺي جي زبان تارون سان لڳي ويئي آهي. رڳو ٻار خوش پيا ٿين ته ٻاهر گهمڻ ٿا وڃون.

.ڪيترا مسلمان سانت ڪيو ڏڪ سان هن تيار ٿيندڙ قافلي کي پيا ڏسن ۽ ڪڏهن ڪو درد نٿو سانديي سگهي ته دانهن پيو ڪري، "بيلي خدا جو واسطو اٿو ڳوٺ نه ڇڏجو!"

بيل گاڏيون تيار ٿي رهيون آهن. سيني جون دليون وهنديون پيون وڃن. تلوڪ روئندو سڏڪا ڀريندو لانديءَ ڏي نڪري ٿو وڃي. ڪاڪو جيوت راءِ، ٦٠ ورهين جي، زال جي مرڻ تي جنهن هڪ ڳوڙهو نه هاريو، سو چلم جو نڙهه نرڙ تي هڻي زار زار ڳوڙها پيو ڳاڙي. ٣٥ ورهين جو پائونيوندرام جنهن گذريل سال ماءُ جي مرڻ تي به هڪڙو ٽيپو اک مان نهاريو سو ڏوتيءَ سان اکيون پيو اگهي. سانت ۾ وينل مسلمانن مان به ڪيترن جي اکين ۾ ڳوڙها ڀرجي آيا آهن.

نيٺ سامان گاڏين ۾ پئجي چڪو. زائفائون گونگا ڳوڙها ڳاڙينديون هڪ ٻئي کان موڪلائن ٿيون. ڪي گاڏيون ڳوٺ جي اتر ته ڪي اولهه روانيون ٿي وڃن ٿيون. هي به سئو ورهيه اڳ هتي رهندڙ هڪ ابي جي اولاد اهو وسيل ويڙهو ڇڏي جدا راهون پڪڙين ٿا. وري ڪڏهن هڪ هنڌ ملندا به يا نه؟ ڪير چوي. آڪيرو ويران ٿي چڪو، وري پکي موٽي جڏهن وطن اچن.

(ريگستاني ڦول- ١٩٤٤)

# رحيما

رحيما ٽڙي گلاب جو گل ٿي پيئي هئي. سندس ڀڪندڙ چهرو، جنهن مان رت ٿي ڇٽيو، ۽ ڀريل مضبوط بدن جسماني تندرستي ۽ جوانيءَ جي امنگن جو اظهار ڪري رهيا هئا. وڏيري جي ڏيئي، گهر ۾ ڏڌ مکڻ جي ڪمي ڪا نہ. گهر صاف ڪرڻ، ماني پچائڻ ۽ مال ڏهڻ... بس رحيما کي روز اهو ئي ڪم ڪرڻو پوندو هو. هن کي پنهنجي حسن ۽ جوڀن جي باري ۾ سوچڻ لاءِ ڪافي وقت ملندو هو. هن جي انگ انگ مان سندرتا ۽ جوڀن ڦاٽي ٿي نڪتا. هن جي سونهن جي ساري تر ۾ هاڪ هئي. وڏيرو ڀهرام خان هن کي گهر کان ٻاهر نڪرڻ ڪين ڏيندو هو، ڇاڪاڻ تہ تندرست ۽ ڏٿن مٿن ڪڙمين جون لالچي نگاهون ڪانئس لڪل ڪين هيون. سندن اڱڻ اندر بہ خير ڪو ڏاريو ايندو ويندو هو. ڪڏهن ڪڏهن سو رحيما پٽ پرسان ڪا سر رکي ان مٿان ٻيهي ٻئي پاسي رهندڙ ڪنيار جي زال سان ڳالهيون ڪندي هئي. پر ايوب ڪنيار اجا مس گهر ۾ گهڙندو هو تہ هوءَ هيٺ ٽپي هٽي ويندي هئي. پر ايوب لاءِ اها پلڪ جي جهلڪ بہ زيارت هئي. هو جڏهن بہ پنهنجي زال ۽ رحيما کي پٽ مٿان ڳالهيون ڪندو ڏسندو هو تڏهن در جي آڙ ۾ بهي رحيما جي لاثاني حسن جو ديدار ڪندو هو. ڪيترو نہ رحيما ڳاڙهي ڳتول هئي! هن جو سارو بدن کهڙو نہ ڏولائتو هو. هو ويچارڻ لڳندو هو. خدا هن جي قسمت ۾ ڇا لکيو هو. رحيما ۽ سندس جوءِ صابيءَ جي وچ ۾ ڪيترو نہ تفاوت هو. هڪ پري هئي تہ ٻي مس. هو سپنا ڏسڻ لڳندو هو. جيڪڏهن رحيما هن کي ڪٿي اڪيلي ملي وڃي تہ... هن جو بدن جواني جي اجهل جذبن کان سيتجي

.ويندو هو ۽ وڏيڪ دير نہ ترسي هو گهر اندر لنگهي ايندو ۽ رحيما بنا دير هيٺ ٿبي هٽي ويندي هئي. ●

رحيما جو سڱ سندس سؤٽ نوري کي ڏنل هو. جلد رحيما جو هن سان نڪاح وڏو ويو. رحيما جي عمر ان وقت ويهہ سال هئي ۽ نوري جي يارنهن ورهہ. نورو هڪ رواجي ٻوناٺو ڇوڪر هو. قد جو ڊمڪڙو، ٻريل بدن، ليڪن رحيمان جي خواهشن پٽاندڙ ڪين هو. رات جو رحيما هن کي ڀڪوڙي ڀاڪر ۾ سوگهو ڪندي هئي. رحيما جي نرم ۽ لچڪيدار بدن سان لڳي هن جو جوش بہ تيز ٿي ويندو هو. پر سندس دم گهٽجڻ لڳندو هو. صبح جو پاڻ کي ڦان سمجهندو ۽ ويچاري نوري جي حالت نڪاح ڪان ڪجهہ مهينا پوءِ بري ٿي ويئي. پيلو ۽ ٻريل نظر اچڻ لڳو. ڳوٺ جا هم عمر ڇوڪر کيس ڇيڙائڻ لڳا "رحيما تو کي ڳڙڪائي ويندي، " "اڙي تون تہ رحيما جي بغل ۾ ڀيسجي ويندو هوندين" ۽ هو ويچارو شرم کان ڪنڌ هيٺ ڪٽي جهڪائيندو هو. رحيما جي ان کان بہ بدتر حالت هئي؛ هن جون تمنائون روز بيدار ٿينديون هيون ۽ روز ائين ئي اڻپوريون رهجي وينديون هيون. هن کي جوان، سگهاري ۽ جانٺي مرد جي ضرورت هئي جو کيس ڀاڪر ۾ ڀڪوڙي، زور ڏئي ۽ جوانيءَ جو لطف وٺائي. ويچارو نورو تہ سندس ڀاڪر ۾ ڀڪوڙجي ويدو هو ۽ جوانيءَ جو لطف - ان جو ڪٿي نالو نيشان بہ نہ هو. رحيما جون خواهشون پوريون نہ ٿيون ۽ هوءَ سارو ڏينهن حيران و پريشان رهڻ لڳي. ●

ايوب ڇڪ تي دلا ڪڍي رهيو هو ۽ هلڪي سر ۾ ڳائي رهيو هو.
"طبيب درد جي دوا نہ ڪئي الائي ڇو...."

صابي ڪڏ تي لٽا ڌوئڻ ويئي هئي. هو سوچڻ لڳو ڪٿي رحيما پيٽ مٿان سڏ ڪري.... پوءِ ڇڪي ڪٽي هيٺ لاهيانس ۽ ڀاڪر ۾

آهي. ٻچو ٻڪرار ويو ھو حيدرآباد گهمڻ. سو ويو چڪلي ۾. اتي ڇا
ڏسي تہ رحيما ويٺي هئي. هن ۽ اڳين رحيما ۾ ڏينهن رات جو فرق هو.
هن جي سونهن گهٽي گهٽ تي چڪي هئي. هوءَ مچي ريڻ تي پيئي هئي.
منهن تي موهيڙا ۽ ڳوڙها تي پيا هئس. صرف ڪجل سان چمڪايل
اکين ۾ ئي پراڻي رحميا جي جهلڪ باقي هئي!

(ريگستاني قول ۱۹۴۴)

# پرديسي پريتم

”شايد تي سگهي“ سن فوءِ ڪپڙا بدلائيندي خيال ڪيو. ”ڪملا چؤتري، ڪملا چؤتري“ هن ڪوشش ڪري برابر اچار ڪرڻ تي چاهيو پر ’چوڌري، ڦري ’چؤتري، ٿيو پيو. انسان، سو به جوان انسان، جلد آسائون ڪري ٿو. ٿوريءَ رڪاوٽ تي بد مزاج ٿي پوي ٿو پر همت نٿو هاري. سن فوءِ وري آشا ٻڌي.

سن فوءَ کي چين مان آئي ٻه مهينا ٿيا هئا. ڪلڪتي ۾ سندس هم وطني گهٽا ئي هئا پر هن هندستانين سان رهڻ ئي واجب سمجهيو. جيڪڏهن وديش کي ڄاڻڻو هجي ته وديشين سان ئي رهجي. هن ڪاليج ۾ به نالو داخل ڪرايو.

ڪلاس ۾ ڇوڪريون هيون. هندستاني ڇوڪريون سندن اکيون چيني ڇوڪرين وانگر نه هيون، سندن نڪ ڦتل نه هو. تنهن ۾ به ڪملا چوڌري سيني ڪان سونهن ۾ سرس هئي. ڪڻڪ رنگو بيضوي منهن، سڌو پختو نڪ. ڪاريون ڇپندڙ اکيون، لچڪي ڪمر، اهي خصلتون چيني ڇوڪرين ۾ نه آهن.

انهن کي پنهنجون خاصيتون آهن پر هي گڻ منجهن ڪونهن. هن پنهنجي واقفڪار چيني ڇوڪرين کي ياد ڪيو. سيئي هڪ جهڙيون ٿي لڳيون. وقت ۽ دوري مهانديا گاڏڙ ڪيو ڇڏي، چيني ڇوڪريون سيئي هڪ جهڙيون هيون.

سن فو هڪ خيال ڪان سهڻو هو. سنهڙو، ڊگهو، پيلو رنگ، نڪ ۽ ڪن سندس منهن تي سونهيا پئي. هندستان ۽ چين جي سونهن جو سٽئنبرڊ ٻيو آهي پر سن فو هندستانين کي به ٺاهوڪو لڳندو هو.

جهاز جي مسافريءَ کيس بيزار ڪري ڇڏيو هو. ڪلڪتي جي چيني دوستن ٻه ٽورن ڏينهن ۾ کيس ڪڪ ڪري ڇڏيو. هيڏو پنڌ ڪري هو پنهنجي پيليءَ چمڙيءَ وارن هم وطنين کي هتي ڏسڻ ڪونه آيو هو. هن نوان ماڻهو ڏسڻ ٿي چاهيا، نئون ملڪ ڏسڻ ٿي چاهيو. ڪاليج ۾ پهرين ڏينهن ئي کيس عجيب ڪپڙن ۾ ڇوڪري ڏسڻ ۾ آئي. هن پنهنجي پاسي ۾ ويٺل بنگاليءَ کان سندربن جو احوال وٺندي اڪ ٽيٽ ڪري ڇوڪريءَ کي ويٺي ڏٺو. ڪجهه ڏينهن بعد کيس ڇوڪريءَ جو نالو معلوم ٿي ويو هو. هن محنت ڪري نالو ياد ڪيو ڪملا ڇوٽري، ڪملا ڇوٽري. جلد ئي سن فو سيني جو واقف ٿي ويو. هو رلڻو ملڻو ۽ کلڻو هو، جا خاصيت سندس وطني ورثو هو. نه رڳو اهو پر جلد ئي ڪاليج ۾ هڪ پڪنڪ ٿي جتي هو سيني سان رلي ملي ويو.

رومال چور راند ٿي رهي هئي. ڇوڪريون ۽ ڇوڪرا گول چڪرا ٺاهي ويٺا هئا. هڪ ڇوڪر رومال سن فوءَ پويان رکي چڪر لڳائي رهيو هو. سن فو اوچتو ڇرڪ ڀري اٿيو. هو بي خبر ڪملا ڇوٽري کي ڏسي رهيو هو. رومال کڻي هو ٻه قدم ڊوڙي رومال ڪملا پٺيان ڪيرائي ڊوڙڻ لڳو. ڪملا پاڻ سنڀالي رومال کڻي ڊوڙي ۽ هڪ آگري جي ڇوڪري جي پٺيان ڪيرائي هوءَ ڊوڙندي رهي. ديو بيندر ڄاتو ٿي ته رومال سندس پويان آهي. پر هن اٿڻ جي تڪليف نه ڪئي. انهن نازڪ مکن ملڻ ۾ جا هن کي خوشي ٿي سا گلن جي ورڪا مان به ڪونه ٿئيس ها. هو ڏڪ جهلي پٺي مهٽيندي کلندو ڊوڙڻ لڳو. سن فوءَ ٻيو دفعو به ڪملا پويان رومال ڪيرايو پر ڪملا سندس پويان رومال ڪڏهن ڪونه اڇليو. رڳو ديويدار کي چيائين "ٻي چيني ڇوها ڪيون ميري پيڇي پڙا هيءِ."

پڪنڪ پوري ٿي. ٻن ڏينهن کان پوءِ سن فوءِ پڪنڪ جا فوٽا سيني کي ڏيکاريا. هو چڱو فوٽو گرافر هو. ڪجهه ڪاپيون هن ڪملا

ڪٽي- اسين ٻن نرالن ديش جا- اسان جو خون الڳ- ريت الڳ رسم الڳ- هي سودو ڪيئن!“ سندس اکين ۾ ڳوڙها پيريل هئا....
(١٩٤٦ع).

# ٻچاءَ بند

محبوب ۽ مان گڏ پڙهيا هياسين. بي - اي ڪرڻ ڪانپوءِ مان مزورن جي تنظيمن ناهڻ ۾ لڳي ويس، ته محبوب سرمائيداريءَ جي چڪر ۾ گهڙي پيو؛ چو ته هو خانداني سرمائيدار هو.پڻس به سرمائيدار هيو ته ڏاڏس به. هونئن به اسان جي دوستي ڇوڪراڻي دوستي هئي جنهن ۾ زندگيءَ جي اوچ نيچ ۽ سياست جو اچان دخل نه هيو؛ جذباتي دوستي؛ صرف هڪ ٻئي جي سنگت مان لطف وٺڻ جي دوستي، خانداني سرمائيدار هئڻ ڪري هو ڪاليج ۾ ايندو ويندو به ڪار ۾ هيو؛ ڪاليج مان نڪرڻ بعد اڪثر ٻه چار دوست گڏجي سندس ڪار ۾ چڙهي سندس گهر يا ڪنهن هوٽل تي ويندا هئاسون. ڪڏهن ادب ۽ ڪڏهن سياست تي ڳالهيون ٿينديون هيون، پر اڪثر ڳالهيون ڪاليج جي ننڍن وڏن واقعن جي باري ۾ هونديون هيون جي ٻئي ڏينهن تي ياد به نه رهنديون آهن.

تعليم پوري ڪرڻ بعد ٻڌندو هئس ته هن گهڻو ڪمايو، هن ايترو ڪمايو جو ملڪ جو چوٽيءَ جي سرمائيدار ۾ شامل ٿي ويو. اڳي لکپتي هو؛ پوءِ ڪروڙ پتي ٿي ويو. ننڍي جيل مان رهائي ملڻ تي جڏهن ملڪ پرجي وڏي جيل ۾ ايندو هئس ته انهن وقفن ۾ هو مون کي ڳولهي لهندو هيو ۽ مون کي ڪارائڻ پيارڻ تي چڱو پيسو خرچ ڪندو هيو. چوندو هيو 'يار تنهنجي تڪليفن لاءِ ڏک به ڏاڍو ٿو ٿئي. پر مڙندي تون ڪونه؛ ۽ توکي جيل موڪلڻ کان حڪومت ڪونه مڙندي. اهو چڪر هلندو رهندو!'

١٩٦٨ جي پوين مهينن ۾ شام جو ڪراچيءَ جي هڪ رستي تان

بندوبست ڪرڻ، پنو ۽ ٻيو ڏنڊي وارو پاسو رتڻ جو ڪم سڀ ڪيس ڪرڻو هيو. مون کي رڳو ايڊيٽوريل پاليسي ۽ رسالي جو عام رخ طئہ ڪرڻو هيو.

ڏسندي ڏسندي سندس اخباري سلطنت اندر هڪ شاندار نئون پالش ڪيل ۽ سينگاريل ڪمرو منهنجي حوالي ٿي ويو. جڏهن ٻهريان ٿي اتي وٺي هليو تہ پڇيائين، "پسند آهي؟"

چيم- "بلڪل گرانڊ آهي، پر جڏهن رسالو گرانڊ نڪري!"

چيائين- "اهو تنهنجي مٿي جو سور آهي، نہ منهنجو!"

ٽيليفون لڳي ويو. منهنجي پسند جا ٻہ سب ايڊيٽر ۽ فيچر لکندڙ ڪپي ويا. ملڪ جو سمورين اخبارن ۾ اشتهار ڏنو ويو تہ پهرين جنوري ١٩٦٩ کان هڪ رسالو جنهن جي پاليسي آزاد ۽ عوام- دوست هوندي وڏي آب تاب سان شايع ٿي رهيو آهي. ايڊيٽر فلاڻو وغيره وغيره! رسالي لاءِ سمورا انتظام پورا ٿي رهيا هئا.

اوچتو هڪ ڏينهن گهنٽي زور سان وڳي- "هلو ڪير آهي؟"

"مان آهيان محبوب. ڏاڍي پريشاني آهي. هڪدم ڪا ٽئڪسي ڪري لانديءَ اچ مزورن گهيراءُ ڪيو آهي. ڪارخاني جي آفيس ۾ واڙيو ويٺو آهيان. منهنجي عقل جواب ڏئي ڇڏيو آهي!"

"مزور ڇا ٿا چون؟"

"چون ٿا ڪارخانو اسان جو آهي، توهان نڪري ٻاهر ٿيو! اڙي يرُ هيڏي اچ. تون کو اچي پنهنجي سنگتين تي ٽڏو ڇنڊو وجهہ. منهنجي مارڪسزم جي چاڻ جواب ڏيئي بيٺي آهي!"

چيو مانس، "مزور ڇا ڪي اڳواڻ اتي آهن؟"

چيائين: "ٻہ دفعا مون وٽ ڪميٽي اچي چڪي آهي. ٻهريائين پنجاهہ سٺ گهرن جو چنو ڪٽي آيا هئا. چيو 'مان هنن گهرن کي سوچڻ لاءِ وقت ڏيو، ڊائريڪٽرن جي ميٽنگ ٿيندي، ڪارخانو رڳو

منهنجو ڪونهي.‘ موٽي ويا ۽ پن ڪلاڪن ۾ ڪارخاني کي گهيراءُ ڪري اچي آخرين نامو ڏنائون ته ڪارخانو اسان جو آهي توهان نڪري ٿيو ٻاهر! ڏسين ٿو پنهنجي سنگت جا پرڪار!“

”اهڙي حالت، ڏسجي ٿو ته گهڻن ڪارخانن ۾ ٿي چڪي آهي! شايد مان ايڏانهن پهچي به نه سگهان ۽ ٽيليفون جو سرشتو به شايد گهڻو وقت قائم نه رهي. منهنجي صلاح ميٽين ته مزور اڳواڻن جي ڪميٽي کي گهرائي چئُه ته ’بابا هي ڪارخانو وٺو! توهان چاڙهو تهِ‌هانجو ڪم! ڪارخاني کي نقصان نه پهچائجو. هيءَ هاٽي توهانجو آهي. توهان سنياليوس. مون کي وڃڻ ڏيو! ۽ پوءِ ڪنجون هنن جي حوالي ڪري هليو آءِ. جان بچي ته به خير ٿيا!“ مان خيال ۾ سوچي ٻيو سگهيس ته محبوب سيٺ جي واڇ هيٺ لڙي آئي هوندي. سندس چمڪندڙ گوري چمڙي تان نويمبر هوندي به پگهر ڳڙي رهيو هوندو.

هوش سنيالي چيائين ”هي ١٩٠٥ آهي يا ١٩١٧؟ فبروري انقلاب آهي يا آڪتوبر انقلاب؟“ مونکي سندس ضبطءِ سالم هوش حواس تي حيراني لڳي ۽ خيال آيم ته منهنجي ڪروڙپتي دوست هزارن مارڪسي ڪتابن جي لائبريري جو ڪجهه فائدو ضرور ورتو آهي.

ڪيترا ڀيرا ان لئبرري ۾ وڃڻ ٿيو هيو. اتي اڪثر چانهه ۽ ڪافي جي دور هلندي، ڪتابن جو ذڪر ٿيندو هيو. ڪتاب ميزن تي، ٽپاين تي، ڪِٽن ۾ اڌ پڙهيل صورت ۾ منهنجي دوست جي ذوق ۽ مصروفيت جي شاهدي ڏيندڙ هئا. گهڻا ڪِيٽ ته بلڪل نون ڪتابن سان سينگاريل هوندا هئا. پر انهن کي پڙهيو ڪو نه هيو. وڏي لئبرري تهذيب ۽ سڌريلپڻي جي نشاني آهي، ۽ منهنجو دوست خانداني سڌريل هيو، انڪري هزارين رپيا خرچ ڪري تاريخ، فلسفي، سياست ملڪن جي سير سياحت شڪار ۽ دنيا جي بهترين اديبن جا ڪتاب گهرائيندو

هو. ديوارين تي تصويرن جا شاهڪار لڳل هئا ۽ اندر ايندي وراندي ۾ سرمائيدار ۽ سوشلسٽ ملڪن جا با تصوير رسالا شيلفن تي رکيل نظر ايندا هئا ۽ اڪثر اهي ڪم آندل به ڏسڻ ۾ ايندا هئا.

چيم،" اهو چوڻ مشڪل آهي ته هي ١٩٠٥ آهي يا ١٩١٧ ڇو ته اهو فيصلو هن شروعاتي منزل تي ڪرڻ ڏکيو آهي، بهرحال انقلاب طرف عوام جو هي فيصلو ڪندڙ قدم ضرور آهي ڇڱو ڇاڻين ته پوليس گهرائي خونريزي ڪرائڻ بدران ڪارخانو مزورن کي سونپي هليواڃ. ڏس ته ڇا ٿو ٿئي."

" پوليس ته اڳيئي گهيرو ڪيو بيٺي آهي! اسانکي مزورن گهيراءَ ڪيو آهي ته مزورن کي وري پوليس گهيرو ڪيو ويٺي آهي. پر مان خون خرابو نٿو ڪرائڻ چاهيان. هڪ دفعو تنهنجي صلاح وٺي ڏسان ٿو. ڏسون ته ڇا ٿو ٿئي."

هن ٽيليفون رکي ڇڏي. اها ئي ته گهڙي هئي جنهن لاءِ ورهين کان انتظار هيو! ملڪ انقلاب جي دروازي تي پهچي چڪو هيو. هڪ ڪروڙ پتي سرمائيدار مارڪس جي الف بي کي سنڀالي پنهنجي سر بچاءَ لاءِ ڪارخانو مزورن جي حوالي ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويو هيو. پورهيت اڃا ويهين صديءَ جي شروعات واري جذباتي ۽ تنظيمي دؤر ۾ هيا پر هڪ سرمائيدار جو دماغ ١٩١٧ جي آڪٽوبر انقلاب جي گرفت پنهنجي ذهن ۽ گردن مٿان محسوس ڪري رهيو هيو !

ڪلاڪ ڪانپوءِ محبوب سيٺ پنهنجي اخباري سلطنت جي وچ ۾ اچي پهتو. نيوز ايڊيٽرن، رپورٽرن ۽ خاص ذهني ڪم ڪندڙن کي گڏ ڪيائين.

پڇيائين، "ڇا ٿا سمجهيو! اڃا به بادشاهه سلامت رهندو؟" سندس اشارو ايوب خان ڏانهن هيو، جنهن کي خانگي ۾ هر ڪوئي 'بادشاهه سلامت' چوندو هيو.

اجان بہ ڪي خوشامدي هئا جن دعا ڏني تہ توهانجي سلطنت تان سج ڪڏهن نہ لهندو! پر محبوب سيٺ تازوئي مزورن جون سرخ اکيون ڏسي آيو هيو. چئن ڪلاڪن جي گهيراءَ ۾ نہ ڪيس چانهہ ملي هئي نہ ڪافي؛ ۽ پگهر نڪرڻ سبب سندس چمڙي بي جان لڳي رهي هئي. سندس وات ڦڪو هيو؛ پر ڪاڏي لاءِ ڪيس ڪا طلب ڪانہ هئي.

هن جلديءَ ۾ دوستن جي ميٽنگ ختم ڪئي ۽ ڪار ۾ ڪٽي مون کي ڪلفٽن تي وٺي ويو. مونکي حيرت لڳي رهي هئي تہ هنکي پاڻ مٿان ڪيترو ضابطو هيو. پراڻي قسم جو پوءِ ڊائو سيٺ هجي ها تہ روئي رڇ پيري ها يا ڦان تي ڪري پئي ها پر هن ڪلڻ جي ڪوشش ڪندي چيو:

”سو دوست! دِس اِز اِٽ! (اهو آهي انقلاب!) خدا جو شڪر آهي جو مان ان جي آجيان لاءِ تيار آهيان! سر بچي تہ لک شڪرانا!“

چيو مانس، ”مون نٿي سمجهيو تہ تون ايترو سمجهو نڪرندين! مان توکي اُلوءَ جو پٺو سمجهندو هوس. سمجهان ٿو تہ تون هاڻي بالغ ٿي رهيو آهين!“

”اُلو، جو پٺو تون آهين جو اجايو جيلن ۾ سڙندو رهيو آهي! مون وانگر عيش ڪرين ها! ۽ جڏهن پڃاڙي اچي ها- ڏس مان ان پڃاڙيءَ لاءِ بہ تيار آهيان. ڪهڙي نہ خوبصورت پڃاڙي آهي جو انقلابي ۽ سرمائيدار هڪ بيڙيءَ ۾ نہ تہ هڪ ئي ڪار ۾ سوار آهيون!“

”منهنجي زندگي جيڪڏهن مونکي ورائي ملي تہ وري بہ ممڪن آهي تہ مان اهوئي ڪندس، جيڪي مون پي ڪيو آهي. ڇو تہ منهنجو ماحول ۽ منهنجو سياءُ مونکي انهيءَ زندگي لاءِ تيار ۽ مجبور ڪن ها!“

”۽ مان هن گهڙيءَ تارڻ لاءِ خبر اٿي لکين رپيا خرچ ڪندو رهيو آهيان ۽ اميد اٿم تہ هن دفعي بہ بلا ٽري ويندي! وري جڏهن آئي تڏهن

ڏسي ونيو!"

ڪلفٽن جي ٿڌي هوا هنجي ساھہ ۾ ساھہ آندو هيو ۽ هن وضاحت سان پنهنجا حفاظتي قدم ٻڌائڻ شروع ڪيا.

چيائين: "توکي اندازو ڪونہ هوندو تہ پنهنجي دولت کي وڌائڻ ۽ بچائڻ لاءِ مان ڪيترو خرچ ڪندو آهيان؟ هي تنهنجا اخباري دوست سون جي تعداد ۾ منهنجي اخباري سلطنت ۾ منهنجي دور انديشيءَ جو ثبوت آهن.

"تون سنڌ جو رهاڪو آهين. اتي سنڌ درياھہ کي قبضي ۾ رکڻ لاءِ حفاظتي بند ۽ منگليون ٻڌيون وينديون آهن اهڙي طرح پنهنجي دولت لاءِ اسان حفاظتي بند تيار ڪيا آهن. اسان جو پهريون بچاءُ بند مذهب جي تلقين آهي جنهن لاءِ مان سيني مذهبي جماعتن کي لکين رپيا ڏيندو آهيان ۽ انهن لاءِ ڪنا ڪندو آهيان. هنن جو نعرو اهو هوندو آهي 'موجوده معاشري کي قائم رکڻ عين مذهب آهي' 'رضا تي راضي رهو. رب ڪن کي پيري ڏئي ٿو تہ ڪن جي آزمائش ڪري ٿو.' ماڻهن جي اِڪثريت اهو روحاني بند ٽوڙي نہ سگهندي!

جي ڪي اهو بند ٽپي ويا تہ منهنجو ٻيو بچاءُ بند اڳيئي تيار آهي. هر طرف کان آواز اڻي رهيا آهن.

"خوشحالي ۽ آزاديءَ لاءِ اسانکي ووٽ ڏيو! ۽ جمهوريت جا علمبردار ٽپٽئي عوام کي جمهوريت ۽ سياست جي ڪاڪ ۾ گهمائي گهمائي سندس حوصلو ۽ هوش گنوائي ڇڏيندا.

"۽ جيڪڏهن ان کان پوءِ بہ منجهن ڪا جان رهي تہ منهنجا دوست هر سياسي جماعت ۾ آهن. جن جي مدد ۽ پورائي مان هر وقت ڪندو رهندو آهيان.

رڳو توهان آهيو جن هن وقت تائين منهنجي ڄار ۾ ڦاسڻ کان انڪار ڪيو آهي."

كلي چيم: "سو هاڻ مان بہ ڦاسي چڪو آهيان!؟ ترقي پسنديءَ جي چوڪي ۾ !"

چيائين: "غلط نہ سمجهہ. توهان انقلاب جو دروازو بہ ڏيکاريو تہ نجات جو رستو بہ؛ جي سمجهہ هجي تہ سوشلسٽ سرشتي اندر مان کهڙي نقصان ۾ رهندس! مان هڪ قابل ائڊمنسٽريٽر آهيان؛ ماڻهن جي نبض سڃاڻان؛ ۽ اوهان واري سرشتي ۾ بہ هڪ قابل منتظم لاءِ ڪار آهي، بنگلو آهي، ترقي آهي ۽ قرار آهي ۽ آئينده جو خوف نہ دارد! مان سوشلزم کي دعوت ڏيڻ وارن مان نہ آهيان؛ پر جي آيو تہ مونکي آجيان لاءِ دروازي تي ڏسندءِ!"

مان هنکي سندس دوانديشي ۽ هوشياري لاءِ دل ئي دل ۾ داد ڏيئي رهيو هيس، تہ چيائين:

"خبر اٿيئي جڏهن تنهنجي صلاح مطابق مزورن کي گهرائي چيم: 'هي ڪارخانو هاڻ توهانجو آهي؛ هنجو نفع نقصان بہ توهانجو آهي؛ ڏسجو ان کي هاڃو نہ پهچي. تہ ائڪشن ڪميٽيءَ وارا هڪ ٻئي ڏانهن ڏسڻ لڳا. ۽ سندن ليڊر اٿي هٿ ڌڪهيڙي منهنجي هٿ ۾ ڏنو ۽ چيائين، 'محبوب صاحب، اسان توهانجا شڪر گذار آهيون، جو توهان بنا جهڳڙي، ۽ خون خرابي ڪانسواءِ ڪارخانو اسانجي حوالي ڪري رهيا آهيو. توهان هميشه هٽ اچي سگهو ٿا. 'You are always wel-come!'

"ويچارن کي اهي اکر نئي سجهيا جي چئي سگهن. هنن کي خواب خيال ۾ بہ نہ هيو تہ مان ڪارخانو سندن ڪنڌ ۾ وجهي هيئن هليو ايندس. ڪارخاني جون چاٻيون مجلس عمل وارن کي ڏيئي، مئنيجر کي گهرائي چيم: 'هن بعد ڪارخانو ائڪشن ڪميٽيءَ جي صلاح مشوري ۽ حڪمن هيٺ هلندو!"

"مئنيجر حيرت ۾ مزورن طرف نهاريندو رهيو ۽ مزور چور نگاهن

سان ڪڏهن هڪ ٻئي سان ڳالهائي رهيا هئا ۽ ڪڏهن مونڊانهن ڏسي موٽي مئنيجر کي ڏسي رهيا هئا!

”مان گهيري مان نڪري ڪار ڪاهي تو وٽ هليو آيس، اجان ٿو چئين تہ مان ٻچسو آهيان!“

مونکي ميٺو پيو تہ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڪروڙ پتيءَ پنهنجي جان جي حفاظت خاطر مارڪس کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي هئي.

(اڳتي قدم: آڪتوبر ١٩٧٠)

# ڪڏهن بهار ايندو...

"ٻڌءِ ته. . . "

"چئه. . "

"مان ٿي چوان. . . چوان؟"

"چئه نه. . . ڪير ٿو جهليئي؟"

"اڄ مون کي سئنيما تي وٺي هلو."

"ڳالهه ٻه ايتري، چڱو هلنداسون، مان ڪلاڪ ڪن لاءِ هڪ ميڙ ۾ ٿو وڃان، تون تيار ٿي ويهجانءِ، جيئن پهرين کيل تي پهچي سگهون."

"ته چئو چو ٿا ته نه هلندؤ. مون کي اهي چالاڪيون سُجهن ٿيون. اڌ رات جو موٽي ايندؤ. چوندؤ ته 'ڳالهه ٿي وسري ويئي'- اهي سنگتي توهان کي ڇڏين ٿا؟"

هو رسي، منهن ڦيري، رڌڻي ڏي هلي ويئي. ايتري ۾ ڪِڪو ٻاهران ڊوڙندو آيو- مون کي ڪپڙا پائيندو ڏسي، چيائين، "مان به هلندس. امان مون کي لٽا پاءِ. مان 'پاٿوءَ' ساڻ گهمڻ ويندس."

"پٽ، تون لٽا پاءِ، ته پوءِ کيل تي هلنداسين. هو ڏٺو هوءِ نه؟ 'ڇوڪريون اچن پيون، ڇوڪريون وڃن پيون، ڇوڪريون نچن پيون'. . . . هاٿي پلو پٽ آهين نه. وڃ ماءُ کان لٽا وٺي پاءِ، ته مان بگي وٺي اچان. بگيءَ تي هلندين نه؟" هن ماءُ ڏي مهڙ ڪئي، ته مان گهٽ ڏيئي ٻاهرنڪري ويس.

عباس جي جاءِ تي ادبي محفل هئي. ان ۾ وڃڻ به ضروري هو. خبر هيم ته ڪلاڪ ۾ جند مشڪل ڇٽندي. پر جي ڪلاڪ ۾ موٽي

اچڻ جو انجام نہ ڏيان ها، تہ ڪلاڪ لاءِ ويهي ڳالهيون ٻڌٽيون پون ها. خيال هو تہ محفل جي وچ مان ڪسڪي ايندس. گهٽ ۾ گهٽ ڪڪي کي نا اميد ڪرڻ جو ويچار ڪونہ هو.

عباس جي جاءِ تي پهتس، تہ محفل اڳي ئي متي بيٺي هئي. حليم ڏاڍي زور سان چئي رهيو هو: ”مان انڪار ٿو ڪريان تہ هن شي ۾ ڪو صحتمند خيال پيش ڪيو ويو آهي. ان ڪي افسانو چوڻ بہ غلط آهي. فن جي خيال کان هن ۾ سخت ڪمزوريون آهن- هر لحاظ کان هيءَ تحرير هڪ ناڪام ڪوشش آهي. . . .“

ڇا پڙهيو ويو هو، ڪنهن پڙهيو هو- خبر ڪانہ هئي. دير سان پهچڻ جي اها سزا ٿيندي آهي.

شورش چوڻ شروع ڪيو: ”مون کي حيرت آهي تہ خير محمد جي هن پيشڪش کي افسانو مڃڻ کان ئي انڪار ڪيو وڃي ٿو جيتوٽيڪ افساني جون سموريون وصفون- افسانوي طرز بيان، هڪ مرڪزي خيال، دلچسپ گفتگو ذريعي ڪردار نگاري، ۽ ترقي پسند لاڙو- سڀ ڪجهہ تہ منجهس آهي. باقي رهي ’لذتيت“، سو جيڪڏهن ڪا شي ٻڌندي ’نست‘ نہ اچي، تہ باقي ٻڌجي ئي ڇو؟ ڏسڻو اهو آهي تہ اديب يا فنڪار پنهنجي تخليق ۾ سستي لذتيت ٿو پيدا ڪري يا دلسوز لطف. منهنجي دعوا آهي تہ ’انن مڙسن جي جوءِ‘ سنڌي ادب ۾ هڪ نئين موڙ طرف اشارو آهي. سوچيو تہ سهي، ويچاري مظلوم عورت- پيار ۽ محبت لاءِ تڙڦندڙ عورت- سندس پهريون مڙس ابي جي عمر جيڏو آهي، جو ڪيس جاڳائي تہ ٿو پر خوش نٿو ڪري سگهي ٻيو يار آهي، جو ڪيس ڀڄائي وري وڪرو ڪري ٿو ڇڏي. هڪ پنهنجي موت مري ٿو، ٻيو ڪيس ان ڪري پرٽايو وڃي ٿو، جو هو مري ويل جو ڀاءُ آهي- ۽ هو ڪيس ايترو تہ ماري ٿو، جو هوءَ سر بچائڻ لاءِ ڀڄي نڪري ٿي، ۽ اهڙيءَ طرح عورت- ماءُ، ڀيڻ، زال، ڌيءُ-

اڀوجهه، معصوم، ڪمزور ۽ بي دست وپا- هن مرداني سماج جي تقڙن ڪائڻ لاءِ زندگيءَ جي بحر ۾ لڙهڻ شروع ڪري ٿي. سوچيو تہ ڪيتريون نہ عورتون آهن، جن جي لاءِ زندگي مستقل جيل آهي، جهنم آهي، هجڻ آهي، ۽ بي موت مرڻ آهي. محنت مزوري ڪرڻ، لٽا ڪپڙا ڌوئڻ، ڀهاري پائڻ، گونهن- مٽ، ميڙڻ، پيهڻ، پيرڻ، رڌڻ پچائڻ، ۽ موچڙا ڪائڻ- اهو عورت جو روزانو ڪاروبار آهي. ۽ سڀ کان وڏيڪ ظلم آهي هن کي چوديواريءَ ۾ بند ڪرڻ، جنهن سندس سوچ، خود ارادي ۽ خودداريءَ کي ختم ڪري، ڪيس مرد جي حڪمن، خواهشن ۽ خيالن جو رانديڪو بڻائي ڇڏيو آهي. ڪڏهن توهان ان تي سوچيو آهي،. . . . ۽ ان ڏس ۾ ڪجهه ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي؟ هيءُ افسانو هر سوچيندڙ شريف انسان لاءِ سندس ماءُ، ڀيڻ، زال، ڌيءَ، چاچي، ماميءَ- مطلب تہ هر عورت طرفان للڪار آهي. مظلوم دنيا ۾ گهٽيئي آهن. پر عورت جي نسبت سڀ ظالم آهيون."

ڳالهہ ڪجهہ سمجهہ ۾ اچي رهي هئي. خير محمد جي افساني اهي سمورا پهلو پيش ڪيا هئا يانہ، پر هي بحث ڏاڍو دلچسپ رخ وٺي رهيو هو.

نور چيو: "صاحب صدر، شورش صاحب ڪجهہ اهڙيءَ طرز تي ڳالهايو آهي، جو اها ڳالهہ بنيادي طرح سمجهڻ جي ضرورت آهي تہ عورت کي آزادي ڏيڻ مان فائدا گهڻا آهن يا نقصان. منهنجي ناقص عقل موجب عورت جي جاءِ گهر ۽ ڪتنب ۾ آهي. ۽ جن خرابين ڏانهن هيءَ آڪاٽي اشارو ڪري ٿي، سي هڪ خراب معاشري جي پيدائش آهن. جيڪڏهن اسان جو معاشرو اسان جي مذهبي احڪام تي نيڪ نيتيءَ سان هلايو وڃي، تہ اهي خرابيون پيدا ئي ڪين ٿين. ٻئي طرف، توهان کي خبر آهي تہ مغربي ملڪن ۾ عورتن جي آزاديءَ ڪهڙا انگور ڪڍيا آهن. سؤ شادين مان پنجهتر جو نتيجو طلاق جي صورت ۾ ظاهر ٿئي

ٿو. ۽ بداخلاقي وڌي رهي آهي. اسان جي پنهنجي ملڪ ڏانهن به نظر ڪريو ته ڪا ڪاليجي ڇوڪري پاڪدامن آهي."

شڪر آهي جو مولانا نُور ڪِنسِي رپورٽ ڪان پڙهي هئي، نه ته انگ اکر ڏيئي بِرُ ڪري ڇڏي ها- هونئن به ڳالهه ڪي وڌائي ناهي پيش ڪرڻ ته مولانا صاحب جو پيشو هو.

سيني چيو، "نيڪ آهي. ڀهريائين اِهو طي ٿئي ته 'عورت جي سماج اندر صحيح جاءِ ڪهڙي آهي'؟"

محبوب چيو: "پيلي ٻڌايو ته سهي، عورت هڪ دفعو ڪنهن سان محبت ڪري ته هوءَ ڇو جُوٺي يا باسِي سمجهي وڃي ٿي، ۽ مرد سڄي عمر عيش ڪري ته به نت نئون ۽ ڪنوارو ڇو سمجهيو وڃي؟ جيتوڻيڪ محبت ڪرڻ سان نه عورت گسي ٿي وڃي ۽ نه مرد- بشرطيڪ حد ڪان مٿي چڙهي نه وڃن. آءُ ته 'فري لَو' (آزاد محبت) جو قائل آهيان. . . . پر . . . . پر منهنجي محب ڏي ميريءَ نظر سان نه نهار جو، ڇو ته پرايو نظرون به عورت ڪي ناپاڪ ڪري ڇڏين ٿيون."

هارون، "'ميري سا ميري، تيري سا ھون ھون'- بلڪل عياشيءَ جو پروانو آهي."

. . . . سو، 'ڪوڪشاستر' ڪان وٺي انسان جي دنيا ۾ پيدا ٿيڻ جي مقصد تائين داستان ڇڙي ويا. بدقسمتيءَ سان، جا 'بحث جو موضوع' هئي، سا مجلس ۾ هڪ به ڪانه هئي. اسان جي بهشت مان رڳو حوا ئي خارج آهي. آدم ۽ آدم جا پٽ ڪٽڪ به پاڻ ۾ ويهي ونڊيندا آهن.

مسرور چيو: "پاڻ آهيون قلندر شخص- اصول جي پاڻ وٽ وقعت ڪانهي. شاديءَ جو تڪلف پاڻ ڪان ڪونه پڇندو. 'جتي پڪِي، تتي ڪاڏِي'- اهو اصول پاڻ ٻيءَ ڏر لاءِ به تسليم ڪرڻ لاءِ تيار آهيون.

’گهر گهوڙو ٻَڌي ڪترِ ڪرڻ‘ پاڻ کان ڪانہ پڄندي.“

الياس چيو: ”منهنجي راءِ ۾ آزادي ٻہ- ڌاري ترار آهي. جي زالن کي آزادي کپي، تہ ڪتنب جي پيٽ پالڻ ۽ گهر جي خرچ پکي هلائڻ لاءِ کين بہ ٻهرو ونڻو پوندو. مان گهر ڌياڻين، مزور يا هاري عورتن جي ڳالهہ ڪانہ ٿو ڪريان. اهي ويچاريون تہ پنهنجي مڙدن کان بہ وڌيڪ ڳهنديون رهنديون آهن. مان پڙهيل ڳڙهيل زالن جي ڳالهہ ٿو چوان. سندن تعليم جو فائدو ئي ڪهڙو، جي هو رڳو پنهنجي گهوٽ جي گهر جي زينت ٻڻجي وڃن، ۽ سندن علم صلاحيتن جو فائدو نہ گهر کي ملي ۽ نہ پَرَ کي. پڙهيل ڳڙهيل زال جي حيثيت جيڪڏهن گهر جي ڪئي فرنيچر وانگر رڳو دوستن کي رشڪ ڏيارڻ يا پنهنجي برتريءَ جي احساس کي زور وٺائڻ لاءِ هجي، تہ آخر ان تعليم مان ڇا هڙ حاصل. . . ؟“

آصف چيو: ”آءُ قبول ٿو ڪريا تہ عورت کي آزاد ٿيڻ گهرجي. ان لاءِ مان گاڏيءَ جي ٻن ڦيٿن جي برابريءَ کان وٺي اڄڪلهہ جي رومانٽڪ محبت، رفاقت وغيره جي دليلن تائين سڀ حوالا ڏيئي توهان کي ٿڪائڻ نٿو چاهيان- ڇو تہ مان پاڻ بہ ٿڪجي پوندس. ان ڪري، قصو مختصر تہ مان پنهنجي محبوب يا زال کي- جيڪو رتبو ڪيس وٽي، قبول ڪري سگهي ٿي- بلڪل قسم کڻي يقين ڏياري سگهان ٿو، ۽ توهان شاهد هجو، تہ سندس آزاديءَ ۾ ڪابہ ارچڻ نہ وڌي ويندي، پر ان عيوض آءُ بہ يقين وٺڻ گهران ٿو تہ مون کي سندس چاڪر، محافظ ۽ پوليس وارو وغيره ٻڻجي سندس پنيان نہ وڃڻو پوندو. جي آزادي کپين، تہ پنهنجي عزت ۽ عصمت جي حفاظت بہ پنهنجي مٿي پاڻ ڪن- پوليس واري جا فرائض، پاڻ کان نہ پڄن.“

ڳالهہ دل وٽان هئي. ”جي سهيلين وٽ وڃڻو هجيس، تہ نوڪر ساڻ ڪرِي وڃي. پر جي مان گهر هجان، تہ ڪٿي ’پِليتو‘ پڙهندو هجان

تہ بہ اھو ڇڏي ھن سان سان وچٿو پوندو، ۽ عزت وري اھڙي ملندي جو پاڻ ويئي ساھڙين سان ڏاڙون دشا ھٽندي ۽ گلا غيبت ڪندي، ۽ اسان کي رڳو پريان پيا ٿهڪ ٻڌڻ ۾ ايندا. هڪ پيري، دل سِرڪي تہ ڏسان تہ چاتي تيون ڪلن. ڪٿي ڪتان ليئو پائي ڏنم. پڪڙجي پيس. گهر موٽي اچي چيائين، "هيڏا سارا ٿيا آهيو، اجا پيا تيڏڪيو ٻين ڏي نهاريو- ڪيڏي نہ مون کي لڄ آئي."

"سو هي محافظ جو ڪم سچ پچ ڏکيو آهي. هڪ ڏينهن ڪڪي کي ساڻ ڪري، وچ بازارمان لنگهي ويئي اسان جي ماساتن جي گهر. شهر ننڍو، جتي عورتون رستي تي گهمن ئي ڪو نہ جي لنگهن، تہ موٽر ۾ ڦرڙاٽ ڪري لنگهي وڃن يا گاهي گاهي برقعي ۾ لنگهي وڃن. پر هيءَ منهن اگهاڙي سر بازار لنگهي ويئي. رستي جي ٻنهي پاسن ماڻهو بيهي ڪيس ڏسڻ لڳا. جيئن ڪيس احساس ٿيو تہ سڄي بازار ڪيس آترويلا سا ڏسي رهي آهي، تہ هن پنهنجي رئي کي سوڙهو ڇڪي تڪڙو هلڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ڪڪو آهستي آهستي هلي رهيو هو، ۽ هوءَ شرم جي ماري اهي ٻہ منٽ ٻہ ڪلاڪ سمجهي، سڄي پگهر ۾ تَر ٿي ويئي. موٽي آئي، تہ چيائين، 'مئا ماڻهو آهن ڪين بگهڙ. ائين پيا ڏسن، ڄڻ سڄو ڳڙڪائي وڃن.' چيو هومانس، 'آهين بہ ڳڙڪائڻ جهڙي نہ.' تنهن تي هوءَ رسي ويهي رهي. سو، جي آزادي کپين، برابري کپين، تہ پنهنجي پيرين سيرين بيهن ۽ هلن، تيڪ لاءِ مرد کي لٽ نہ ٻڌائين."

'قلندر' وري وارو ورتو. چيائين: "مابدولت ان حد تائين وڃڻ لاءِ تيار آهي- جي اسان جي آئيندي جي محبوبڙي پاڻ لاءِ 'فريڊم آف ائڪشن' (عشق جي ميدان ۾ آزادي) چاهيندي، تہ مابدولت کي ڪوبہ اعتراض نہ رهندو. پر، جيڪي ٻار پيدا ٿيندا انهن کي پالڻ پوشڻ جي ذميواري گڏيل يعني اڌو اڌ ٿيندي... پر ان لاءِ بہ ڪيس ثابت ڪرڻو

پوندو تہ خالص منهنجا ٻار کھڙا آهن- باقيءَ جي ذميواري ٻين تي رهندي."

غيور چيو: "هي ساريون ڳالهيون اسان جي اخلاقي قدرن، مذهبي روايتن ۽ قبائلي غيرت جي خلاف آهن. هي مغرب- زده خيال آهن. عمل ۾ نَر فطرتا حاسد آهي ۽ پنهنجي کي پنهنجو ۽ پرائي کي بہ پنهنجو بنائڻ جي جذبي هيٺ ڪم ڪري ٿو."

رحيم چيو: "اسان پنهنجي موضوع کان پري هٽندا پيا وڃون. ماڻهو پنهنجو عمل حقيقتن مطابق ڪندو آهي، ۽ اصول صرف حقيقتن کي سمجهائڻ ۽ انهن تي روشني وجهڻ ۾ مدد گار ٿيندا آهن. اسان مان ڪهڙو آهي، جيڪو دل ۾ ڪيتريون تمنائون رکندي بہ انهن کي عملي جامو پهرائي سگهي ٿو؟ صرف ماڻهوءَ کي ڏڄڻو بہ نہ ٿيڻ گهرجي. جنهن ڳالهہ کي هو ٺيڪ مڃي، تہ ان تي عمل ڪرڻ جي ڪوشش بہ ڪرڻ گهرجيس. اسان سڀ ڪنهن نہ ڪنهن حد تائين عورتن جي آزاديءَ جا قائل آهيون، پر ڪيترا آهن، جي انهن خيالن تي عمل ڪندا آهن؟ توهان مان ڪيترا آهن، جي آزاديءَ جا اعلان ڪندي، ڪڏهن پنهنجي زالن ۽ ٻارن ۽ ڌيئن، ڀينرن کي رڳو گهمائڻ بہ وٺي ويندا هجن؟ توهان مان ڪير آهي جو پنهنجيءَ ڪنهن بہ مائٽياڻيءَ کي پنهنجي شريف ڪان شريف دوستن جي سنگت ۾ آڻڻ لاءِ تيار هجي؟ عورت جي آزاديءَ طرف پهريون قدم آهي، هن تي اعتبار- جي اهو اعتبار نہ آهي، تہ هو ڪنهن حد تائين غلام رهندي، پر جي آزاد ٿي، تہ هن کي اڏامي وڃڻ جو بہ بنيادي حق آهي."

چانهن آئي. بحث گهڻجي وري تيز ٿيندو رهيو. عباس جي جاءِ مان آٽي يارن جو ٽولو هوٽل ۾ اچي ويٺو، ۽ آخر اڌ رات ڌاري هوٽل واري دروازا بند ڪرڻ شروع ڪيا، جڏهن محفل ٽٽي. گهمي اچي در ڪڙڪايم. در تہ لاٿائين، پر ائين ڏٺائين جڻ چئي رهي هجي 'توکي گهر

ٻار جي کھڙي پرواه. . . .‘ توکي پنھنجا سنگتي جو آھن.

مون ماٺ ۾ ڪپڙا لاٿا. ھوءَ چپ چاپ ڳوڙھا ڳاڙڻ ۽ پوءِ سڏڪا ڀرڻ لڳي. چيائين، ”توھان شادي ڇو ڪئي، جي منھنجا ھي حال ڪرڻا ھُيوَ؟ منھنجو نہ، تہ ڪڪي جو تہ خيال ڪريو ويچارو روئي روئي سمھي پيو.“ - تڏھن مون کي ياد آيو تہ مون ڪيس سئنيما ڏيکارڻ جو واعدو ڪيو ھو.

مون چوڻ چاھيو: ’مون کان وسري ويو. . . . پر مون کي ائين چوڻ جي ھمت نہ ھئي، ڇو تہ اھو جملو سؤ دفعا ڪم اچي چڪي ھو. ھن برسڻ تي چاھيو. مون ڳوڙھو ڳھي سمھڻ تي چاھيو. ھن چڙي چيو، ”توھان کي ڇا ٿي ويو آھي؟ ڳالھايو بہ نٿا.“

چيم، ”ڇا چوان. مِني اھوئي حال آھي.“

ھن اکيون مٿي ڪري، مون کي شوڪي ڏٺو. مون کي ترنگ اچي ويو.

چيم: ”الائي ڪڏھن زمانو بدلبو!. . . . ڪڏھن بھار ايندو. . .“

ڳوڙھن ڀريل اکين سان ھن منھنجي ڳوڙھن ڀريل اکين ڏانھن ڏٺو. چيائن، ”توھان رئو ڇو ٿا؟“. . . . ۽ پوءِ ھن ائين سيني ۾ جاءِ ڏني، ڄڻ آءُ بہ سندس ڪڪر ھوس.

●

سان گڏجي ڪم ڪندس.“ زمين تي هٿ رکي اٿيو. چيلهه وٺان چنبڪو ڏئي هڏين جي جوڙن مان ۽ آڱرين مان ننڍ، ٽڪ سختي ۽ سور ڪيءُ جهٽڪو ڏنائين. چيائين هاڻ هل ته چانهه پيون ۽ توکي پنهنجي وقت جي مختصر ڪهاڻي ٻڌايان. تون ضرور سمجهڻ چاهيندين ته مان ڪامريڊن کي ڇو نه ٿو پسند ڪيان، ورڪر هوندي ڇو هنن کان پري ٿو. ڇو هنن سان جهيڙان ٿو. ڇو مون وارو پانڊو ۽ ڪيئي ٻيا ڪامريڊن سان تعاون نٿا ڏين، مالڪن جي خلاف گڏ آهيون پر سياست ۾ تنهنجي يارن کان پري آهيان!

”ٻڌ ڪامريڊ“

”جي ٻڌاءِ“ پوءِ چانهه جي هڪ ڪوپ مٿان، ٻيو پيئندي ظاهر ٿيو هڪ انسان، جو ملبار جي مينهوڳي پريل ماحول ۾، هڪ ننڍڙي وستيءَ ۾ ڪکن جي جهوپي ۾ ڄائو، ابتدائي تعليم هڪ ننڍڙي ٻهراڙيءَ جي اسڪول ۾ ٽيس ۽ ڏهين ورهين جي عمر کان وٺي بيڙيون ٻڌڻ شروع ڪيائين. ١٩٣٠- ١٩٣٢ جي ڪانگريس هلچل بمبئيءَ ۾ پنيءَ تي لٺيون وسيون ۽ عمر لاءِ ڪبڙو ٿي اسپتال ۽ جيل مان نڪتس، ليڊر - قوم جا ليڊر پنهنجي موسومي لڙائي لڙي اڳي کان اڳرا پنهنجي ڪمن ڪارين کي لڳي ويا. سرمايدار نفعو ڪمائڻ ۾، ويمي وارا ويمن ڪرڻ ۾ وڪيل وڪالت ۾ ۽ اسان ورڪر، مزدور اچي پنهنجي مزدور يونين ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيوسين.

ڪامريڊ ٻه هزار روز ٻڌندو آهيان، آڱريون سڪي پونديون آهن. لڳن ۾ ڳنڍيون محسوس ٿينديون آهن، تپ چڙهندو آهي پر ٻئي ڏينهن ڪم تي نه اچان ته کاوان ڇا، پارٽيءَ وارن گهٽوئي چيو ته ڪل وقتي ڪارڪن ٿي. مان چوان مان ڇڙو، چيلهه ڀڳل شخص مونکي ڪبي ڇا؟ ڇڙو ساڳ ۽ ماني ۽ ڪڏهن ڪڏهن گوشت جي ڳڙي، اڙي ڪا يڊ! چيو مانِ مان پارٽيءَ جو پگهاردار نه ٿيندس. باقي ساٿي ٿي

ويندو."

١٩٥٢ کان وٺي ١٩٥٧ تائين ڪامريڊ سنڌ ۾ ڪم ڪيو. عيش آرام ٻنهي ڪونه. ڪاڏي پيتي کان بي پرواهه سلهه لڳي ويس ۽ ڪامريڊ هلندو رهيو، ڏڪندو رهيو. جتي به يونين جو ڪم هيو، هو اتي هيو. سينيٽ ورڪرس يونين، ريلوي ورڪرس يونين، فلورمل ورڪرس يونين ۽ ڪيئي ٻيون يونينون گهٽيئي نوان ساٿي پيدا ٿيا. ڪي پراڻا ساٿي مجبور ملڪ ڇڏي ويا پر ڪبڙو ڪامريڊ هلندو رهيو.

"ڏکڻ مان سج ٿو ابري" جو نعرو ٻڌائين ته دل کڄي پيس. دانهن ڪيائين هڪ دفعو "ڪيرالا" مان تي اچان وري موٽي ايندس جي بچيس ته ."

سو نيٺ ڪامريڊ ابراهيم ملباري "گردن مار" پاسپورٽ تي تر. ڪڇ جي سرحد اڪري وڃي پنهنجن (پنهنجا ته اسان سڀ هئاسين پر نمبودريپد جهڙا پنهنجا ڪي ٻيا؟) سان مليو ۽ اتي جي خاڪ ۾ دفن ٿيو!

●

# سچائي اشاعت گھر دڙو، جا ايندڙ ڪتاب

## • جڏهن اُلا اُڀ ۾

(شاعري)

آٿر ناٿن شاهي

قيمت -/55 روپيا

## • آءٌ به جيڪر پڙهڻ وڃان ها

(ٻاراڻي شاعري)

منٺار سولنگي

قيمت -/10 روپيا

## • سج گرهڻ

(ناولٽ)

طارق قريشي

• خط لکي ڪتابن جي فهرست اڄ ئي گهرايو

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌَڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَـنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪـو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهـڙي دعوىٰ ڪري ٿـو تـہ پَـڪَ ڄاڻو تـہ اُهـو ڪُـوڙو آهـي. نـہ ئي وري پَـنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪـڏهن ڪـو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختَلِف آهـن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَـنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَـنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَـن پاران ڪتابن ڪي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪـو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪـرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪـو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَـن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پڄاڻندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏُ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڪاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪچي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻچاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽتر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
ـ اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)